

# قومي حقِ خوداراديت
# جو
# عالمي پسمنظر

ڊاڪٽر آزاد قاضي

sambaraweb.com

# قومي حقِ خوداراديت
# جو عالمي پسمنظر

ڊاڪٽر آزاد قاضي

پنيور اشاعت گهر
حيدرآباد

sambaraweb.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: قومي حق خودارادیت جو عالمي پسمنظر
ليکڪ: ڊاڪٽر آزاد قاضي
ڇاپو: پهريون
سال: 2019ع
ڇپائيندڙ: پنهور پبليڪيشن حيدرآباد
قيمت: 150 روپيا

# ارپنا

## ڦن جي نالي

جنهن جو تصور خوف ۽ خوشيءَ ڪاڏڙ مچي ٿو
هوا نيٺ ته اچڻي آ رت ڇاڻ جي هولي، ٻ
ڪا موج ته مچڻي آ مهراڻ جي ڇولي، ٻ
(زاهد شيخ)

# فهرست


- پيش لفظ ڊاڪٽر آزاد قاضي 6
- مقدمو ڊاڪٽر آزاد قاضي 7

خوداراديت واري حق جو عالمي پس منظر 33
(1) اوڀر تيمور انڊونيشيا کان آزاديءَ جو خواهان 36
(2) ڪيوبڪ: ڪئناڊا کان آزاديءَ جو خواهان 41
(3) مغربي صحارا: مراڪش (موراڪو) ۽ ماريطانيه کان آزاديءَ جو.. 44
(4) ڪشمير: گهڻ رخي جدوجهد جي گهيري ۾ 47
(5) ڪئٽولونيا: اسپين کان آزاديءَ جو خواهان 51
(6) ڪردستان آزاديءَ جو اڻپورو خواب 58
(7) بنگلاديش: مشرقي صوبي کان آزاديءَ تائين 66
- پڄاڻي 72

# پيش لفظ

حق خود اراديت هڪ اهڙو ۲۰۱۰ ڇڪائيندڙ اصطلاح آهي جيڪو ڪنهن به مقصد جي حاصلات لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر اهو بذات خود مقصد ڪونهي. خوداراديت واري حق جي خواهش ڇا لاءِ ڪئي ٿي وڃي. اها خواهش ڪندڙن جو اهڙي اپيل ڪندڙ اظهار ڪرڻ مان ڪهڙو مقصد آهي؟ ان جو اندازو سندن مطالبن واري مواد مان ئي ٿي ويندو آهي. ڪوبه قومي خوداراديت وارو حق بغير مقصد واضح ڪرڻ جي هوا ۾ تلوار هلائڻ جي برابر هجي ٿو. اهڙو ئي حوالو خوداراديت واري قومي حق جي حڪمت عملي بابت ڏئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته قومي خوداراديت وارو حق حاصل ڪرڻ تائين مختلف قومن عملي جدوجهد ڪندي جيڪي تجربا ڪيا آهن، اُهي بڌائين ٿا ته اظهار راءِ وارو حق به ٻين لکيل/قبول ٿيل حقن وانگر ڪنهن به سولائي سان ٻئي کي ڪونه ڏنو آهي پر اسان وٽ عجيب ڳالهه آهي جو ان عالمي اصول کي ڪن ڌرين توڙي، مروڙي نه رڳو پنهنجو مقصد ڪڍيو پر ان جي طريقه ڪار بابت به پنهنجا منپسند مفروضا پيش ڪيا ويا آهن ۽ انهن مفروضن کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ دنيا جي ڪجهه آزاد ٿيل ۽ ڪن ان حوالي سان جدوجهد ڪندڙ ملڪن جي حوالن کي پنهنجي پنهنجي خواهش موجب بيان ڪري سنڌ جي ڪيس ۾ ڪيترن ئي قسمن جا مونجهارا پيدا ڪيا ويا آهن. اهڙن مسئلن کي سمجهڻ ۽ سنڌ جي حوالي سان انهن ملڪن جي ڪيل جدوجهد مان سبق حاصل ڪرڻ واري مقصد سان هي مواد تيار ڪيو ويو آهي. هن مواد جي پڙهڻ سان جيڪڏهن سنڌ جي قومي ڪيس ۾ دلچسپي رکندڙن جي معلومات ۾ ٿورو به واڌارو ٿي سگهيو ته پنهنجو پورهيو سجايو سمجهندس.

طالب العلم

**ڊاڪٽر آزاد قاضي**

# مقدمو

روزازل کان هن ڪائنات ۾ وڙهاند وارو عمل پنهنجي حيثيت (Rit) مڃائڻ ۽ وسيلن کي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ واري حوالي سان رائج عمل آهي، اها حالت وقت بوقت شڪلين مٽائڻ ۽ طريقي ڪار تبديل ڪرڻ سان موجوده دور تائين جاري ۽ ساري آهي. جنهن لاءِ هاڻ آءِ. ايم. ايف جهڙن ادارن کي هٿيار طور استعمال ڪري، ملٽي نيشنل ڪمپنين ذريعي، جديد بينڪيٽ وارو طريقو ڳولي ڪڍيو ويو آهي اهو ائين تہ مختلف ڪمپنن کان پنٽي پيل ملڪن جي خاص طور تي معدني وسيلن کي ظاهر Explore ڪري استعمال هيٺ آڻڻ ۽ ناڻو ڪمائڻ جهڙيون لالچون ڏئي، CPEC جهڙا معاهدا ڪرايا وڃن ٿا. جنهن سان طاقتور ڌر جي آهستہ آهستہ هڪ هٽي قائم ٿيو وڃي. چاڪاڻ تہ ان ڪم لاءِ ظاهر ڳالهہ آهي تہ ناڻي جي ضرورت پوندي، جيڪو پنٽي پيل ملڪن وٽ ناهي هوندو. ٽيڪنيڪل ماڻهو تہ ٻاهران ايندا ئي ايندا، پر ان حوالي سان واڌو ماڻهن جي ضرورت /گهرج ظاهر ڪري پنهنجي آباديءَ کي بہ ان ملڪ ڏانهن موڪليو ويندو آهي، جنهن سان نہ رڳو اتان جي آبادي Demography متبي آهي پر اتان جو سماج انتشار جو شڪار ٿيندو آهي ۽ وقت گذرڻ سان، ان ملڪ جي صورتحال بينڪي (Colonel - ڪالوني واري) واري وڃي رهندي آهي. اهو تہ ان صورتحال جو هڪڙو پاسو آهي. ان جو ٻيو ۽ اهم پاسو اهو بہ آهي تہ عالمي قوت ڪا هڪ تہ آهي ڪا نہ! سوويت يونين جي ٽٽڻ جي باوجود نہ رڳو روس، پر هاڻ ان صف ۾ چين بہ داخل ٿي ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ غريب ۽ ڪمزور

قومن ۽ ملڪن جي مال ملڪيت کي پنهنجي هٿ هيٺ آڻڻ لاءِ، هر ڪو سڌي نه ته اڻ سڌي طرح مداخلت ڪندو رهي ٿو. نتيجي ۾ جنهن به ملڪ ۾ اهڙي مداخلت شروع ٿئي ٿي، اهو جڙ ته جنڊ جي ٻن پڙن وچ ۾ ڪڻڪ جي داڻن جيان اچيو وڃي، ائين جيئن شام سان ٿي رهيو آهي.

اهڙي ئي صورتحال اسان جي سنڌ سان به ٿيڻ جا قوي امڪان آهن. ڪجهه عرصو اڳ پراڻي سياسي ڪارڪن قاسم ميرجت پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڪنهن Canadian ڪئنيڊين سان ٿيل ملاقات جو ذڪر ڪندي لکيو هو ته: ان ڪيس، ”خبرون چارون ڪندي ٻڌايو ته يورپ، خاص ڪري آمريڪا جي پاڪستان سان ان وقت لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي آهي جڏهن سيٽلائيٽ ذريعي خبر پئي آهي ته دنيا جي قيمتي گئس 'COLD BELL MILLION' جيڪا آمريڪي رياست 'هووائي' مان ملي ٿي، هاڻ اها ساڳي گئس سنڌ ۾ ٿر جي وڏي ايراضي ۾ موجود نظر آئي آهي. ۽ ان (آمريڪا) کي ڳڻتي آهي ته اها گئس ڪٿي ڪو ٻيو (چين) نه ڪڍي وڃي“. (پندرنهن روزه انيئر، ڪراچي، 28 فيبروري 2018)

سنڌ مان رڳو اها هڪ گئس ملي آهي ڇا؟ سنڌ ته سچي سون آهي. سنڌ جي ٿر ۽ ڪوهستان واري علائقي ۾ ڇا ڇا ناهي؟ ايترو ڪجهه آهي جو ان جي تفصيل لاءِ ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اعلي قسم جو تيل، مختلف قسم جون گئسون ۽ يورنيم ڪانسواءِ مختلف قسمن جا قيمتي پٿر ۽ سون جا مختلف جاين تي تمام وڏا ذخيرا موجود آهن. جن جي معلومات ظاهر ٿيڻ سان دنيا جي طاقتور ترين جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي آهي ۽ وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو اٿن.

ٻئي طرف ماضي جا سياسي ساڃاهه ڏيندڙ خوشامندين ۾ پورا آهن ۽ پنهنجو حال اهو آهي ته ڪا ڪل ئي ڪانهي ته ڇا پيو وهي واپري. دنيا وارن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندڙ مختلف قسم جا ذخيرا سنڌ جا آهن، پر انهن بابت دنيا وارن سان ڳالهائڻ ۽ معاهدا ڪرڻ وارا ٻيا آهن! آخر سنڌي سياستدانن جي مَتِ ڇو مُنجهي ويئي آهي. ٻئي طرف ماضي جا

سياسي ساڃاهه ڏيندڙ خوشامندين ۾ پورا آهن ۽ عام سنڌي ماڻهو ايندڙ خطرناڪ صورتحال کان بي خبر ٿيو پيو وقت گذاري.

جهونو سياستدان چاچو حفيظ قريشي چوندو هو تہ: "ستم ظريفي اها آهي تہ سنڌي ماڻهو اڃا پنهنجو پاڻ کي غلام سمجهي ئي نہ ٿو جو اهو آزاديءَ لاءِ ويچار ڪري!" اهڙي بي توجهي ۽ بي ڌياناڻيءَ واري صورتحال ۾ اونداهيءَ واري عالم ۾ گذاريندڙ هن قوم لاءِ اڄ مختلف قسم جا فارمولا پيش ٿيندي نظر اچن ٿا. انهن فارمولن مان هڪڙو فارمولو قومي حق خوداراديت وارو بہ آهي، جنهن لاءِ مختلف نوعيت جون طاويلون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي پئي رهي آهي. سڀ کان اهم ڳالهہ اها تہ ان اصطلاح کي سائين جي. ايم. سيد جي پيش ڪيل سنڌ جي آزاديءَ واري فڪر جي متبادل طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ويئي آهي.

قومي خوداراديت وارو حق، سيد جي آزاديءِ واري فڪر جي مترادف هئڻ واري حوالي سان گذريل 21 سالن کان سنڌ جي سياسي ماحول ۾ بحث هلندڙ آهي. جنهن بابت مختلف حوالن سان خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهي آهي. ان بحث جي شروعات ڪندڙ ڌر (خالق جوڻيجو گروپ) جي اها دعوا هئي تہ قومي خوداراديت واري حق جو مطالبو سيد واري فڪر جو پورائو ڪندڙ آهي، تنهن ڪري هاڻ سيد واري فڪر کي اوليت ڏيڻ ۽ ان حوالي سان ڳالهائڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

قومي خود اراديت واري گهر، سائين جي. ايم. سيد واري فڪر جون گهرجون پوريون ڪري ٿي، ان ڪري اها ساڳي ڳالهہ آهي. سيد جي فڪر کي ان کان مختلف چوڻ غلط آهي. اصل ۾ اها ڳالهہ عام ڪارڪن کي مُنجهائي نئين واٽ ونرائڻ واري نظرياتي حرفت بازي هئي، جنهن سان اڳ (سيد جي هوندي) بہ جيئي سنڌ محاذ جي قيادت ۾ ڪارڪنن منهن ڏئي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. اهڙي ساڳي نوعيت واري ڳالهہ اڳ چام ساقي، ارباب کهاوڙ ۽ سندس ساٿي ڪري چڪا هئا. سائين جي. ايم. سيد جي رهبريءَ ۾ ڪم ڪندڙ جيئي سنڌ محاذ جي ڪارڪنن جڏهن سنڌ جي عوامي حلقن تائين سيد جي فڪر وارو آواز پهچايو

تڏهن تہ ڪنهن لفظي حرفت بازيءَ جي بہ ضرورت ڪا نہ هئي. ان وقت انتهائي سادا نعرا 'سنڌو ديش مقدر آ، جي. ايم. سيد رهبر آ'، 'سنڌ گهري ٿي، آزادي'، 'پنجابيو سنڌ خالي ڪريو'، عوام ۾ مقبول هوندا هئا. هاڻ پيا نعرا تہ پري رهيا، پر پنجابيو سنڌ خالي ڪريو جهڙي نعري کان بہ گسايو وڃي ٿو. رهبر جي وڃڻ کان پوءِ ليڊرشپ جي شوقين فردن جيڪي فڪري گوهيون ڏيندي رنگ ڪڍڻ شروع ڪيا. انهن مان هڪڙو فارمولو قومي حق خودارديت واري بنياد تي رفريبڊم ڪرائڻ واري ڳالھ ڪي هوا ڏيڻ بہ آهي. ان حوالي سان هلندڙ بحث دوران جڏهن سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جو سوال ٿي آيو تڏهن اهي ان ڳالھ تي زور ڏيندا رهيا تہ سيد جي فڪر ۽ حق خودارادیت واري ڳالھ ۾ ڪوئي فرق ناهي، اها ساڳي ڳالھ آهي. هاڻ سيد واري ڳالھ ڪٽي عوام وٽ وڃڻ جي ڪائي ضرورت ناهي، خودارادیت واري حق جي ڳالھ ڪرڻ سان ساڳيو مقصد حاصل ٿيو وڃي، جيڪڏهن اها ڳالھ رڳو ايتري حد تائين هجي ها تہ اظهار جي آزادي هيٺ واري تصور هيٺ، جنهن جماعت کي جيڪي ڳالھ پسند اچي اها ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي پلي ڪري، پر اها ڳالھ قابلِ بحث تڏهن پئي ٿي، جڏهن ان کي ساڳيو سيد وارو فڪر ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي. نہ رڳو ايترو پر پنهنجي ڪيل ڳالھ جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ سيد جي حوالي وارن ڪيترن نعرن ۽ نشانين کي خيرباد ڪرڻ کي ضروري تصور ڪندي، چند من پسند ماڻهن کان منفي پروپيگنڊا جو طوفان برپا ڪرايو ويو. ايتري قدر جو پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي گهٽ نقصانڪار ظاهر ڪرڻ لاءِ رهبر مٿان مها غلطيون (بلنڊر Blunder) ڪرڻ جهڙيون پڻ دعوائون داخل ڪيو ويون. جيتوڻيڪ ان لاءِ اڄ تائين ڪو دليل پيش ڪو نہ ٿي سگهيو آهي ان ڪري غور ويچار ڪندڙ ڪارڪنن لاءِ اهو هڪ وڏو سوال ٿي پيو تہ مها غلطيون ڪندڙ شخص ڪنهن جماعت جو رهبر پلا ڪيئن ٿيو؟

اتي وري هڪ ٻيو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اهو ضروري آهي تہ هر ڪو سيد واري سياست ڪري، ڪير ڪهڙي بہ ٿو سياست ڪري، اهو ان

جو اختيار آهي پر ڇا اهو ضروري آهي تہ من پسند سياست ڪرڻ لاءِ پهريان سيد واري فڪر جي مخالفت ڪجي (جيئن 1970ع کان وٺي مختلف ماڻهن پئي ڪيو آهي) ۽ سندس جدوجهد جون من پسند طاويلون ڪجن. ايمانداريءَ جي تقاضا اها آهي تہ جيڪو جهڙي سياست ڪري ٿو نہ رڳو پنهنجي ورڪر پر عام سنڌي عوام، جيڪو ئي اصل محرڪ قوت آهي، ان اڳيان پنهنجي ڳالهہ واضح طرح رکي، مبهم ۽ منجهيل پروگرام عوامي قوت کي منظم ڪرڻ بجاءِ مايوس ۽ منتشر ڪندو آهي. قومي تحريڪ جي ڪمزور ٿيڻ ۽ گروهہ در گروهہ ورهائجڻ جو هڪڙو سبب اهڙو رويو اختيار ڪندو رهڻ بہ آهي.

سائين جي.ايم. سيد جي فڪر کي وقت کان اڳ پيش ٿيل ۽ ناقابلِ عمل ظاهر ڪرڻ واري مهم گذريل ڪيترن سالن کان نئين سر هلائي پئي وئي آهي. ان ئي مقصد لاءِ قومي حقِ خودارديت وارو اصطلاح ميدان ۾ آندو ويو. ان بابت مختلف حوالن سان جڏهن بحث ٿيو تڏهن دنيا جي ڪجهہ غلام ملڪن جا نالا ان حوالي سان ذڪر هيٺ آيا، در اصل سنڌ ۾ انهن ئي حوالن کي بنياد بنائي پنهنجي خيال کي ٽيڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي، جنهن ڪري ان ڳالهہ جي ضرورت محسوس ٿي تہ ذڪر ڪيل ملڪن جي جدوجهد وارن مختلف مرحلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ قوم جي آزاديءَ واري حاصلات کي اولين حيثيت حاصل هئڻ گهرجي.

قومي حقِ خودارديت واري اصطلاح کي ڪن دوستن ياران سيد جي آزاديءَ واري فڪر جي مدِ مقابل پيش ڪرڻ ۽ ان کي ساڳيو مقصد سڏڻ وارين ڪوششن کي اڄ 21 سال گذري چڪا آهن (سائين جي. ايم. سيد تہ اها ڳالهہ 1952ع کان ڪندي، آسرو لاهي ڇڏيو هو) ايترا سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ قصو بہ پير پوئتي آهي. هيترو عرصو گذرڻ ڪانپوءِ اچانڪ ڊسمبر 2018ع ۾ جيئي سنڌ محاذ (خالق گروپ) جي ليڊر محترم عبدالخالق، محترم قاسم پٽر، جي ورسيءَ تي خطاب ڪندي، ان ڳالهہ جو برملا اظهار ڪيو تہ: "آءٌ جي. ايم.سيد ناهيان، جو ان جيان ڳالهہ


2-Jan-2025, 21:47

ڪريان، انڪري جيئن ۽ جيڪا ڳالهه جي. ايم. سيد ڪئي، آءُ نه ٿو ڪري سگهان." سندس اهڙن خيالن ٻڌڻ کان پوءِ اهو ته واضح ٿي ويو ته سيد جو فڪر ڪا ٻي ڳالهه آهي، جنهن بابت پاڻ ڪم نه ٿو ڪرڻ چاهي. اهو سندس حق آهي پر هتي غور طلب ڳالهه اها آهي ته پاڻ جڏهن اڄ به قومي حق خوداراديت جي بنياد تي جدوجهد جو قائل آهي ته پوءِ سندس پاران سالها سال ان ڳالهه تي بحث ڪرڻ ته قومي حق خوداراديت ئي سيد واري ساڳي ڳالهه آهي چوندو رهڻ، مخالفت ڪندڙن کي سزائون ڏيڻ ۽ پوءِ هاڻ وري اهو چوڻ ته: "جيڪا ڳالهه جي. ايم. سيد ڪئي، آءُ نه ڪري سگهان". ان تضاد کي ڪيئن حل ڪجو. ٻنهي ڳالهين مان ڪا هڪڙي ڳالهه صحي هوندي. جيڪڏهن سندس ڪالهوڪي ساڳي ڳالهه هئڻ واري پرچار صحي هئي، ته هاڻوڪي خيال لاءِ ڇا چئجي؟ جيڪڏهن مشاهدي جي روشني ۾ ڪيل سندس هاڻوڪي ڳالهه کي صحي سمجهجي ته پوءِ هيترن سالن تائين سيد جي قومي فڪر کي مبهم ۽ مشڪوڪ ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون ويون، انهن کي ڪهڙي کاتي ۾ رکبو! اهڙو لاڙو پيدا ڪرائڻ لاءِ جيڪو ڪارڪنن ۽ جماعت جو هيترو نقصان ڪرايو ويو ان جو هاڻ ازالو ڪيئن ٿيندو ۽ ڪير ڪندو؟ ايئن پيو محسوس ٿئي ته اها تازي تبديلي عمران خان واري يو U ٽرن وانگر آهي ۽ پوءِ U ٽرن هڪ اهڙي حڪمت عمليءَ جو نالو آهي جيڪا نظريئه ضرورت تحت ڪڏهن به، ڪٿي به، استعمال ڪري سگهجي ٿي.

اها به هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ڪهڙي به نوعيت واري جدوجهد هجي اها عوامي قوت کان سواءِ ڪامياب ڪا نه ٿي سگهندي ۽ عوام کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ نه رڳو لاڳيتي عوامي رابطي جو هئڻ ضروري آهي پر پنهنجي قول ۽ فعل ۾ هم آهنگي ۽اعتماد جي بحالي پڻ تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته سياسي جدوجهد رضاڪارانه نوعيت وارو عمل آهي. جنهن جو اعتماد کانسواءِ پورو ٿيڻ ناممڪن آهي. اهڙو اعتماد محنتي ۽ سچار ڪارڪن ئي بحال ڪرائي سگهن ٿا ۽ اهڙي مقصد جي حاصلات لاءِ ضروري آهي ته عهدي ۽ عِلمَ جي وڏ ننڍائي واري فرق کان هٽي ڪري

ڪارڪنن کي برابريءَ جي بنياد تي جماعتي فيصلن ۾ شريڪ ڪيو وڃي. دنيا کي ڏيکارڻ ۽ خانا پوري ڪرڻ لاءِ ٻولڙين جا ٽولا ادارن ۾ گڏ ڪرڻ، جنهن ۾ به اڪثريت عزيزن مٺن مائٽن جي هجي (اهو ڪميونسٽ ڪلچر جو پراڻو طريقي ڪار آهي) ته جيئن پنهنجي مرضي جا فيصلا ڪرائي سگهجن. اهڙي عمل سان عوام ته پري رهيو پر عوام ۾ ڪم ڪندڙ سنجيده ڪارڪن به بي دليا ٿيو پون.

ڪارڪن جيڪو جماعت جي قوت هجي ٿو ڪارڪن جيڪو ڪن اصولن ۽ آدرشن لاءِ ذهني ۽ جسماني قرباني ڏئي ٿو مقصد جي حاصلات لاءِ ڪشالا ڪري ٿو تنهن کي اهو حق ٿو پهچي ته اهو پنهنجي قيادت جي قول فعل مان متمعن هجڻ جي تقاضا ڪري، اهو عمل تڏهن ئي سهي طرح ٿي سگهي ٿو جڏهن قيادت مبهم ۽ منجهيل ڳالهيون ڪرڻ بجاءِ، جماعت جو پروگرام عام فهم انداز ۾ ڪارڪنن ۽ عوام اڳيان رکي. ان لاءِ ضروري آهي ته پيش ٿيندڙ پروگرام بابت معروضي حالتن جو حوالو ڏئي، ان جي مفهوم بابت پنهنجي مطلب واري تعبير ڪرڻ وارو هٿيار هٿ ۾ رکڻ بجاءِ هر نڪتي بابت ورڪرن ۾ کليل بحث ڪرائي، ڪين اعتماد ۾ وٺجي ۽ جماعت جي ادارن کي متمعن ڪجي. ڇاڪان ته هاڻ اهو وقت ناهي رهيو جڏهن 'منهنجو اختيار آهي جهڙا جملا چئي' چيئرمين پنهنجي من ماني ڪندا هئا. اهو هڪ مڃيل اصول آهي ته جماعت جي قوت ڪارڪن ۽ ادارا آهن، ڪو به عهديدار اداري کان مٿي ڪونهي. انڪري اهو ضروري آهي ته هر نڪتي بابت کليل بحث مباحثو ڪري اتفاق راءِ سان نتيجا حاصل ڪيا وڃن. علم ۽ ڄاڻ جهڙن حوالن واري برتريءَ تي گهٽو عرصو ڪارڪنن کي هلائي نه ٿو سگهجي.

سيد جي وفات کان پوءِ ڀيريون پيرو محترم علي نواز ٻٽ سيد واري فڪر جي اهميت ۽ راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽن ۽ تڪليفن طرف اشارو ڪندي لکيو هو ته: "هاڻ سيد واري فڪر کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ سيد کان به وڏي شخصيت جي ضرورت پوندي، هاڻ اهو ڪم سيد کان به

وڏو ماڻهو سرانجام ڏئي سگهي ٿو." سندس ان چوڻ تي انهن ئي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو هو جن ڪي پاڻ ڪلهو ڏئي وڏي شخصيت ثاهڻ واري ڪم ۾ مصروفِ عمل هو. سندس مٿي ذڪر ڪيل خيالن بابت جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تڏهن چيو هيائين ته: "اها ڳالهه آءٌ ان معنيٰ ۾ ڪري رهيو آهيان ته جيڪو سيد واري ڳالهه تي بيهي به سگهي ۽ سيد ڪان جدوجهد دوران جيڪي ڪم نه ٿي سگهيا ۽ جهول رهجي ويا، انهن جي به پورائي ڪري سگهي." اهي وڏا سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ غور فڪر جي تقاضا ڪندڙ جملا هئا پر اهڙي سنجيدگي اختيار ڪرڻ بجاءِ، نت نيون ڳالهيون ڪري ڪارڪنن کي مونجهارن ۾ مبتلا ڪيو ويو.

حق خودارادیت واري جيڪا ڳالهه چئي پئي وئي سا به گهڙي ڪن لاءِ ڪٽي ميجي، جنهن جي پرچار ڪرڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي پر سوال اهو آهي ته سيد واري مروج عام فهم فڪر جي جاءِ تي، هن نئون مونجهارا پيدا ڪرڻ واري اصطلاح جي پرچار تي زور ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي، يلا ڪنهن سبب يا مصلحت ڪري جيڪڏهن اهو بيان ڪرڻ ضروري هو ته پوءِ اهو چو ضروري ڇاتو ويو ته سيد جي فڪر وارن نعرن ۽ نشانن، ايتري قدر جو سندس فڪر انگيز ڪتابن ڪان به انڪار ڪجي يا وري انهن بابت پنهنجون من پسند طاويلون ڪجن، ان حد تائين جو اڳ ڪارڪنن کي تيار ڪرڻ لاءِ جيڪو مواد پڙهڻ تي زور ڏنو ويندو هو پوءِ انهن ئي ڪتابن کي غير اهم ظاهر ڪندي ڪارڪنن کي اهڙي مواد پڙهڻ ڪان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي،اهو سڀ ڪجهه من پسند لاڙا پيدا ڪرائڻ واري عمل تحت ٿيو جن ۾ ڪيترن ئي ڪارڪنن کي پڻ ملوث ڪيو ويو.

اها ڳالهه سڀ ڪنهن سمجهي پئي ته سيد واري فڪر جي ڳالهه ڪرڻ اوکو عمل آهي ان لاءِ جيڪڏهن ڪائي حڪمت عملي اختيار ڪجي ٿي ته ان ۾ ڪوئي حرج به ڪونهي. اهو هڪ ميجيل اصول آهي ته مقصد تبديل ٿيڻ جي شئي ناهي البت مقصد جي حاصلات لاءِ حڪمت عمليون تبديل ٿي سگهن ٿيون. مختلف غلام قومن ائين ڪيو به آهي. پر

جيڪڏهن ڪنهن به حوالي سان مقصد تبديل ڪيو ويو ته پوءِ ان جدوجهد جو حقيقي روح ختم ٿي ويجي ٿو. اهڙا به دنيا جي ڪيترين تحريڪن جا مثال موجود آهن اهڙين عالم آشڪار حقيقتن جي باوجود آزاديءَ واري تصور ڪي حق خودارادیت واري اصطلاح سان خلت ملت ڪيو ويو. حقيقت اها آهي ته اهڙو رجحان پيدا ڪرائڻ واري ڪوشش ڪندڙ انٽرنيشنلسٽ هئڻ جا دعويدار هئڻ ڪري، نيشنلزم ڪان حرفت بازيءَ سان ڪن لاتار ڪندا رهيا آهن.

اهي ته ائين به چئي ڇڏيندا آهن ته: "پاڻ ته انٽرنيشنلسٽ آهن پر (بقول سندن) ويچارن سنڌين جي هيٺي حال تي رحم پيو اچي، ان ڪري انهن جي ڳالهه به ڪريون ٿا". اهو هر ڪنهن ڪي اختيار آهي ته ڪو نيشنلسٽ ٿئي يا انٽرنيشنلسٽ- پر جڏهن اهڙا فرد ڪميونسٽ فڪر ۾ انٽرنيشنل هئڻ واري حوالي سان قومن جي حق خودارادیت واري ڳالهه ڪن ٿا، تڏهن اهو ضروري آهي ته سندس ان خيال جي ڪميونسٽ فڪر جي روشنيءَ ۾ پرک ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته اسان ڪي اها به خبر آهي ته سوشلسٽ انقلاب دوران حق خودارادیت بابت مختلف نوعيت وارا رايا هلندڙ هيا، جن بابت ابهام ڪي ختم ڪرڻ ۽ مختلف قومن ۾ برابري پيدا ڪرڻ لاءِ حق خودارادیت واري اصطلاح سان بمع حق علحدگي لازمي قرار ڏنو ويو هو.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته وڏن وڏن مفڪرن جي فڪر سان سندن لاڏاڻي بعد پنهنجن ئي پوئلڳن ڪيئي زيادتيون ڪيون. اهڙي عمل کان ڪامريڊ لينن به بچي ڪو نه سگهيو. جنهن جو نتيجو آخر ڪار سويت يونين جي تباهيءَ واري صورت ۾ ظاهر ٿيو پر جيڪي مهربان پاڻ کي انٽرنيشنلسٽ ظاهر ڪندي نت نيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، اهڙيون ڳالهيون اڳ وارا ڪميونسٽ رجحان رکندڙ به ڪري ويا پر پوءِ به هاڻ جڏهن انهن جا همسفر نئين چولي سان نمودار ٿيڻ لڳا آهن، ته اهو لازم ٿئي ٿو ته پڙهندڙن لاءِ حق خودارادیت جي ابتدا، ان جي ڦهلاءُ ۽ عملي صورت حال ڪي سمجهڻ ڪانپوءِ حق خودارادیت جي استعمال بابت

ڪميونسٽ جدوجهد جا حوالا پيش ڪيا وڃن پهريون پيرو جرمن فلسفي ڪانٽ قومن جي برابري ۽ مڪمل خود مختياريءَ واري اصول کي عالمي امن لاءِ لازمي قرار ڏنو هو. البت باضابط طور قومن جي خوداراديت واري حق جو تصور آمريڪي صدر ۽ دانشور وڊرو ولسن ڏنو هو. جنهن جي بنياد تي فيڊريشن طور آمريڪا سوڊو دنيا جا لڳ ڀڳ 28 ملڪ برابريءَ جي بنياد تي هلي رهيا آهن. جن جي وڏي انگ جو تعلق اڳوڻي سرمائيدار بلاڪ سان آهي. پر اها به حقيقت آهي ته وقت گذرڻ سان انهن فيڊريشن اندر به آزاديءَ جا آواز اٿڻ لڳا آهن. جيئن: يونائيٽيڊ ڪنگڊم ۾ اسڪاٽ ۽ آئرلينڊ.

جيسيتائين ڪميونسٽ فڪر جو تعلق آهي ته 1917ع واري انقلاب کانپوءِ هڪ طرف شامل قومن جي تاريخي ۽ ثقافتي حيثيت تبديل ڪرڻ لاءِ وڏي دانائيءَ سان جاگرافيائي تبديليون ڪرڻ سان گڏوگڏ آباديءَ جو توازن تبديل ڪرڻ لاءِ، روسي نسل جي ماڻهن کي خاص منصوبي تحت مختلف جاين تي آباد ڪيو ويو. پين شامل قومن کي قومي حقن جي تحفظ واري حوالي سان ڪائي ضمانت ڪا نه تي ڏني ويئي، ڇاڪاڻ ته بالشويڪ انقلاب تمام وڏي رتوڇاڻ کانپوءِ ڪامياب ٿيو هو تنهن ڪري ان وهندڙرت واري خوف حراس جو فائدو وٺي، قومن جي تاريخي حيثيت واري سوال کي گول ڪيو پئي ويو. ان ئي دور يعني 1921ع ۾ اسٽالن، لينن طرفان مخالفت ڪرڻ جي باوجود جارجيا تي چڙهائي ڪري ڏني، سو به ان حالت ۾ جو اها بنهه ڪاغذي بنيادن واري هڪ خودمختيار رياست هئي. پر پوءِ به لينن ان کي سوويت يونين ۾ ضم ڪرڻ واري عمل جو مخالف هو. ان دور ۾ هو سخت بيماريءَ سبب بستري داخل هو پر ان جي باوجود، "لينن ڳجهي نموني سان جارجيا جي بالشويڪن ۽ لينن‌سٽن جيڪي ان عمل خلاف هئا، تن کي لکيو ته هو اسٽالن خلاف انهن سان گڏ آهي (ان جي نقل ڪاپي ٽراٽسڪي ۽ ڪامينيف کي به موڪلي) چو ته بيماريءَ سبب لينن وڌيڪ ڊڪ ڊوڙ نه پئي ڪري سگهيو. (قومي سوال ۽ مارڪسي بين الاقواميت ص 105).

ڪميونسٽ انقلاب جو امام لينن ڏکي علالت سبب 1924ع تائين بستري داخل هو. ڪميونسٽ پارٽي ۾ اسٽالن گروپ جي اها خفيه رساڪشي زورن تي هئي. ان دوران جڏهن آئيني مسودو لينن وٽ آندو ويو تڏهن پاڻ قومن جي حق خوداراديت واري اصطلاح سان ڏنگين ۾ (بمع حق علحدگي) شامل ڪرڻ تي زور ڏنائين. جيڪا سندس زور ڀرڻ تي لکي ته وئي، پر ان تي ڪيترو عمل ٿيو سا ڳالهه بعد واري روسي قيادت جي ڪارڪردگيءَ مان واضح طور نظر اچي ٿي. ان آمرانه انداز جا ڪيئي مثال موجود آهن. جن ڪي ڏسڻ ڪانپوءِ بالشويڪ انقلاب جي حامي برٽينڊ رسل کي به چوڻو پيو هو ته: "ڪميونزم آهسته آهسته هڪ مذهب جي شڪل اختيار ڪندو وڃي ٿو اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن اهو هڪ بدترين مغربي سامراج ثابت ٿيندو".

اهڙي ئي ساڳي ڳالهه طرف اسان جي رهبر سائين جي. ايم. سيد عالمي مذهبن جي نظرياتي سامراجيت وارن لاڙن جو ذڪر ڪندي سيپٽمبر 1966ع ۾ اشارو ڪيو هو ته: "تازو انهن (عالمي) نظرياتي سامراجن ۾ هڪ نئون اضافو ٿيو آهي، جنهن کي ڪميونزم جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو." (خطباتِ سيد، 2000ع ص 30). هي اهو وقت هو جڏهن روسي ۽ چيني ڪميونسٽن جو دور دوران هو. روسي ڪميونزم جي سڄي دنيا ۾ هاڪ هئي ان کي انسان ذات جي نجات جو اڪيلو ۽ آخري وسيلو تصور ڪيو پئي ويو چين ته اڃا روسي ڇٽيءَ هيٺ نئون نئون اڀريو پئي، ان ڏانهن ته ڪنهن جو خواب خيال به ڪو نه هو پر ان جي آدم شماري ۽ جاگرافيائي صورت حال ۽ سماجي حالتن جو ڪاٿو ڪندي سائين جي ايم. سيد 1968ع ۾ چين بابت لکيو هو ته: "چيني ايشيا ۾ وڏي ۾ وڏي آبادي ۽ ايراضيءَ جا مالڪ آهن هُنن وٽ ماٿو گهٽا هئڻ ڪري وڌندڙ آباديءَ کي ٻين جاين تي ڪالونائيز ڪرڻ جو مسئلو درپيش آهي. هي آباديءَ ۽ ايراضي جي لحاظ کان پاڻ کي ايشيا ۽ آفريڪائي ملڪن جو فطري ليڊر سمجهن ٿا." ان ئي مضمون ۾ سيد اها پڻ اڳ ڪٿي ڪئي هئي ته: "ڪميونسٽ چين پاڪستان کي ختم

ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو پر انهن جو طريقي ڪار نهايت ڳوڙهو ۽ تيزُو آهي.“

سيد واري ان وقت چيل اها ڳالهه هاڻ سي پيڪ جي حوالي سان نمايان طور نظر اچڻ لڳي آهي. ڪميونزم جو اهو جيڪو عالمگير سامراجيت وارو تصور هو جنهن تحت سوويت يونين تاريخي حيثيت وارين قومن کي نظريي جي آڙ ۾ قبضي هيٺ ڪندي توسيع پسندانہ عمل تي روا دوان رهيو ان جي چٽو مثال افغانستان مٿان ڪاهہ ڪرڻ واري عمل سان ظاهر ٿيو. ان ۾ جا ڪين رسوائي پلئہ پئي، جيڪو معاشي نقصان ٿيو. تنهن نہ رڳو روسي رياست کي ڪمزور ڪيو پر ان عمل سوويت يونين ۾ شامل ڪيل قومن ۾ بيداريءَ واري لهر پڻ پيدا ڪرائي، تہ انهن آئين ۾ مليل حق خوداراديت (بمع حق علحدگي) واري حوالي جو سهارو وٺڻ شروع ڪيو. جن ۾ آذربائيجان، جارجيا، آرمانيہ، لٿونيا، اسٽونيا، لٽويا شامل آهن. لٿونيا، اسٽونيا، لٽويا جن کي بالٽڪ رياستون سڏيو وڃي ٿو انهن مٿان تہ هٽلر ۽ اسٽالن وچ ۾ ٿيل ناهہ جي نتيجي ۾ 1940ع ۾ اسٽالن قبضو ڪري سوويت يونين ۾ شامل ٿيڻ جو معاهدو ڪرايو هو. سندن اهو عمل وسيع تر سوشلسٽ انقلاب جي نالي ۾ تاريخي قومن جي قديم حيثيت، تاريخ ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ واري عملي قدم جو حصو هو. جن جي ڪري روسي سلطنت خلاف اندروني طور تي قومي نفرت پڪڙجندي پئي رهي. ڇاڪاڻ تہ روسي حاڪميت سبب سندن وسيلن جو غلط استعمال ڪيو پئي ويو. هتي ان ڳالهہ جي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش ڪانهي، انڪري ذڪرڪيل قومن جي اقتصادي ڦرلٽ ۽ قومي تشخص کي ختم ڪرڻ وارين ڪيل حرفتن ۽ انهن جي نتيجي ۾ قومن جي وجود ۽ عالمي امن کي پهتل نقصان واري تفصيل ۾ وڃڻ بجاءِ، پنهنجي اصل موضوع تي اچجي ٿو تہ ڪميونسٽ حڪمرانن طرفان لينن جي هدايت کي اهميت نہ ڏيندي، سوويت يونين جي نالي ۾ جيڪو روسي سلطنت وارو ماحول پيدا ڪيو ويو ان روس ۾ شامل قومن جي قومي تشخص کي تہ ختم ڪيو ئي ڪيو پر سڄي دنيا ۾

پنهنجي گماشتن جو چار پکيڙي بظاهر قومي تحريڪ جي حامي هئڻ جون دعوائون ڪندي پنهنجي عالمي مفادن جي مدنظر ڪيترين ئي جاين تي تاريخي قومن جي جدوجهد جي ڀرپور مخالفت ڪئي ۽ سوشلسٽ انقلاب جي آڙ ۾ قومي تحريڪن کي نقصان پهچايو جن جا اهڃاڻ هندستان جي تحريڪ آزادي جي مخالفت ۽ ورهاڱو ٿي وڃڻ بعد سنڌ جي قومي تحريڪ جي مخالفت ۾ ڪم ڪرڻ واري عمل مان ملن ٿا. لينن جڏهن اسٽالن واري جارحانه طريقي ڪار جي رد عمل طور حق خوداراديت بمع حق علحدگي لکرائي ان کي هٿي ڏني ته اهو سندس آخري دور هو پر حق خوداراديت واري حوالي سان سندس سموري عملي زندگي يڪرخي نظر ڪا نه ٿي اچي، هو پاڻ به مختلف وقتن تي، پنهنجي راءِ تبديل ڪندو پئي رهيو ان لاءِ به غور فڪر ڪري تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي.

هاڻ اچون ٿا ان ڳالهه تي ته سوويت يونين ۾ شامل سوشلسٽ جبر هيٺ پيڙجندڙ قومن کي آزادي ڪيئن ملي .

جڏهن گوربا چوف جي دور ۾ قومن کي اظهار جي آزادي ملي ته انهن لينن واري مليل خوداراديت واري حق جو استعمال ڪندي، قومي آواز اٿارڻ شروع ڪيو جنهن ۾ مقامي ڪميونسٽ پارٽيون پڻ ان جائز گهر لاءِ قومي تحريڪ جي حمايت ڪرڻ لڳيون. ان حوالي سان چند قومن جا مثال هن ريت آهن.

هونئن ته گوربا چوف جي دور ۾ پروسترائيڪا واري لهر هيٺ سابق سوويت يونين کان مختلف وقتن تي چوڏهن قومون آزاد ٿيون، جن جي جدوجهد جو بنياد ٿوري گهڻي فرق سان پنهنجي قومي تاريخ، قومي ڪلچر، قومي ذريعن ۽ اقتصادي وسيلن بابت ويچاري بيدار ٿيڻ واري عمل ۾ نظر اچي ٿو.

هتي قومي مسئلي کي سمجهڻ لاءِ چند آزاد ٿيل ملڪن جا ڪجه مثال پيش ڪجن ٿا:

## لٿونيا:

لٿونيا ۾ قوم پرست تحريڪ کي پاپولر فرنٽ منظم ڪيو. قومي بنيادن تي پاپولر فرنٽ ايترو تہ مقبول ٿيو جو اهو ڪميونسٽ پارٽي جي مقامي قيادت تي پڻ حاوي پئجي ويو. لٿونيا وارن اسٽونيا واري طرز تي قومي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آئيني ترميمون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪميونسٽ پارٽي مداخلت ڪرڻ چاهي تہ عوام اشتعال ۾ اچي روڊن تي نڪري آيو. ڪئي ڀيرا مظاهرا ۽ علامتي هڙتالون ڪري پنهنجي قوت جو مظاهرو ڪيائون. لٿونيا جي قومي ٻڌي ۽ گڏيل قومي جدوجهد جي حد اها هئي تہ لٿونيا جي خودمختياري ۽ اقتدار اعليٰ لاءِ نمائنده جماعت پاپولر فرنٽ مذهبي ڌرين يعني چرچ جي نمائندن کي پڻ پاڻ سان شامل ڪري ورتو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو وقت طبقاتي ۽ مذهبي ڪشمڪش ۾ پوڻ بجاءِ قومي ٻڌيءَ واري واٽ وٺي قوم کي آزاد ڪرائڻ جو هو اهڙي وسيع تر اتحاد ٿيڻ ڪري پارليامينٽ جي چونڊن ۾ فرنٽ 42 سيٽن مان 36 سيٽون ماڻي اڪثريت حاصل ڪري ورتي.

ليٿونيا جي ان پارليامينٽ هڪ خصوصي ڪميشن قائم ڪئي جنهن فيصلو ڏنو تہ 1940ع ۾ رياست کي روس ۾ شامل ڪرڻ وارو فيصلو غير قانوني هو. اهڙي نوعيت واري جدوجهد ڪندي ڪندي، لٿونيا مارچ 1990 ۾ آزاد ٿي ويو.

## اسٽونيا:

بيداريءَ واري لهر پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ، سوويت يونين ۾ شامل هر رياست پنهنجي معروضي حالتن ۽ قومي حيثيت جي مدنظر فيصلا ڪرڻ شروع ڪيا. جيڪي مجموعي طور روسي قبضي گيريءَ خلاف هئا، مثلا حق خودارادیت واري حق ڏانهن وک وڌائيندي، اسٽونيا جي سپريم سوويت، جيڪو رياست جو سڀ کان مٿاهون قانوني ادارو هو تنهن مقامي آئين ۾ ترميم جي منظوري ڏني، جنهن موجب مقامي چونڊن

۾ انهن روسين کي ووٽ واري حق کان محروم ڪيو ويو جن کي رياست ۾ آئي ڇهن سالن کان گهٽ عرصو ٿيو هو. ان فيصلي جي نتيجي ۾ اسٽونيا ۾ آباد هزارين روسي پنهنجي ووٽ ڏيڻ وارو حق استعمال ڪري نہ سگهيا.

هڪ ٻئي فيصلي موجب اسٽونيا ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ مقامي زبان سکڻ لازمي قرار ڏني ويئي، اهو فيصلو اسٽونيا ڏانهن روسين جي يلغار روڪڻ لاءِ ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ٻولين ۾ ايترو تہ فرق آهي جو روسين کي مقامي ٻولي سکڻ ۾ چار سال لڳي پئي سگهيا. اسٽونيا وارن ٻاهرين آبادي خلاف هلايل مهم طور مئي 1992 ۾ ٿيل عوامي نائبن واري ڪانگريس جي چونڊن ۾ ماسڪو جي حمايتن کي قوم پرستن کان شڪست ڏياري ۽ پوءِ انهن هڪ نئين مهم جي شروعات ڪئي ۽ مطالبو ڪيو تہ انهن اصل باشندن جي رجسٽريشن ڪئي وڃي، جيڪي اسٽونيا جي آزاد ملڪ هئڻ وقت ان جا رهواسي هئا. (يعني 1940ع تائين) تہ جيئن اتان جا اصل باشندا ۽ سندن اولاد پنهنجي قوم جي مستقبل جو پاڻ فيصلو ڪري سگهن. آخرڪار اسٽونيا جي پارليامينٽ فيصلو ڪيو تہ اسٽونيا جي پارليامينٽ، سپريم سوويت پارليامينٽ جي پاس ڪيل ڪنهن اهڙي قانون کي ويٽو ڪرڻ جو حق رکي ٿي، جيڪو سندن خيال ۾ اسٽونيائي عوام ۽ رياست جي مفادن خلاف هجي. اسٽونيا وارن جي پاس ڪيل ان قرارداد کي سپريم سوويت پريزيڊيم اهو چئي رد ڪري ڇڏيو تہ: "ان فيصلي سان سوويت يونين جو شيرازو ذرا ذرا ٿي ويندو. انڪري ڪنهن اهڙي قانون جي اجازت ڪا نہ ڏبي، جنهن سان سوويت سوشلسٽ يونين جي مفادن کي ڇيهو رسڻ جو انديشو هجي". پر سپريم سوويت ڪائونسل طرفان ڪيل ان فيصلي کي نہ رڳو اسٽونيا جي پارليامينيٽ پر وڏنڊڙ فوجي دٻاءَ هيٺ مقامي ڪميونسٽ پارٽي بہ ان راءِ کي رد ڪري ڇڏيو ۽ سويت سوشلسٽ سپريم جي مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺا. ان نوعيت واري جدوجهد ڪندي اسٽونيا آگسٽ 1991ع ۾ آزاد ٿي ويو.

## لٽويا:

لٽويا ۾ قوم پرست تحريڪ کي پاپولر فرنٽ منظم ڪيو ۽ ان رياست جي مڪمل سياسي ۽ معاشي آزادي جي حمايت ڪئي. فرانس ۾ موجود جلاوطن تنظيمن پڻ لٽويا جي ان جدوجهد لاءِ آواز اٿاريو. ڪين ماسڪو وارن سخت تنبيهه جاري ڪئي، جنهن کي ڪائي اهميت نہ ڏني وئي. اهڙي ريت لٽويا واري قومي تحريڪ قانوني ۽ پارليامينٽري بحثن مان نڪري عوامي حلقن، روڊن ۽ رستن تائين پهچي وئي.

بالٽڪ رياستون جن کي 1940ع ۾ هڪ معاهدي تحت جبرن روس ۾ شامل ڪيو ويو هو. ان سوويت نازي معاهدي جي پنجاهہ سال پورا ٿيڻ تي، ٽنهي رياستن جي عوام اسٽونيا کان لٽونيا تائين چاليهہ لک عوامي هٿن جي زنجير جوڙي، اها عوامي زنجير تقريبن چار سو ميلن تائين پکڙيل هئي ايڏي عوامي ديوار ۾ شامل عوام الاعلان مطالبو ڪيو تہ بالٽڪ رياستن تي روس جو قبضو ختم ڪري ڪين مڪمل آزادي ڏني وڃي، جيڪڏهن ڪو ايماندارانو انداز اختيار ڪري تہ اهو ئي تہ خودراديت وارو حق هو. جيڪو انهن قومن استعمال ڪيو پئي پر روسي سامراج سندن اها راءِ قبول ڪرڻ لاءِ تيارڪو نہ هو. روسي ڪميونسٽ پارٽي جي سينٽرل ڪميٽي ان عوامي آواز کي سوويت يونين کان علحدگيءَ جي مترادف گناهہ واري عمل سان تعبير ڪندي، ڪين سخت نتيجن پوڳڻ جي ڌمڪي ڏني، پر ڌمڪن جي باوجود، سندن قومي تحريڪ جو سفر جاري رهيو. اهڙي نوعيت واري جدوجهد ڪندي ڪندي، آگسٽ 1991ع ۾ لٽويا آزاد ٿي ويو.

## مالديويا:

هن رياست ۾ 73 سيڪڙو مالديوي ۽ 27 سيڪڙو روسي ۽ يوڪريني آباد آهن جڏهن قومي لهر پيدا ٿي تہ ان جي شروعات ٻوليءَ جي مسئلي سان ڪئي وئي. رياست جي پارليامينٽ مالديوي کي قومي

ٻولي ڪرڻ جو فيصلو ڪندي، روسي ۽ يوڪريني ماڻهن کي اڳ وانگر روسي ٻولي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني پر اها بظاهر معمولي نوعيت واري ڳالهه به حاڪم قوم روس کي قبول ڪا نه هئي انڪري فيصلي خلاف روسين هڪ سوَ کان وڌيڪ (جتي سندس اڪثريت هئي) فيڪٽرين ۾ هڙتال ڪئي ۽ سرڪاري اخبار پراودا کان پرچار ڪرائي ويئي ته اهي نسلي اقليت کي خوفزده ڪري رهيا آهن. روسين طرفان ڪيل هڙتال سبب ٽريفڪ جام ٿي ويئي ايتري قدر جو ريلون به اسٽيشن تي بيهاريون ويون. سبزين ۽ ٻئي سامان سان ڀريل ٽرڪون بيهڻ ڪري مقامي آبادگارن ۽ ڪاروباري ماڻهن جو نقصان ٿيڻ لڳو ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ مالديوين دارالحڪومت جي وڏي چونڪ ۾ گڏ ٿي روسين خلاف پر امن مظاهرو ڪيو. جيڪي پنهنجي ملڪ جو سابق مالديوائي قومي جهنڊو بلند ڪرڻ سان گڏوگڏ نعرا هڻي رهي هئا ته ”روسيو پنهنجي ملڪ واپس وڃو.“

ائين جيئن ڪنهن وقت سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ پنجاپيو سنڌ خالي ڪيو نعرو مقبول عام هو. اڄ ته قوم پرست نما ڪميونسٽن (اهي جيڪي سوچ ۽ عمل ۾ ڪميونسٽ فڪر جا آهن، پر وقت ضرورت ڏيکاءَ قوم پرست هئڻ جو ڪندا هجن). جي حرفتن سبب اهو نعرو به عوام کان وسرندو پيو وڃي ڇاڪاڻ ته هڪ خاص حڪمت عمليءَ سان قومي تحرڪ جو نالو استعمال ڪندي اصل قبضي گير قوتن خلاف محاذ آرائي ڪرڻ بجاءِ ڪميونسٽ فڪر جا حوالا ڏيندي طبقاتي تحريڪ کي عام ڪرڻ واريون ڪوششون ٿينديون نظر اچن ٿيون .

اهڙي ريت جڏهن قديم تاريخي قومون، موقعو ملڻ تي پنهنجي قومي حيثيت بحال ڪرائڻ لاءِ، روسي انقلاب جي ابي ولاديمير لينن طرفان ڏيارل حق خودارادیت (بمع حق علحدگي) وارو حق استعمال ڪرڻ لڳيون ته روسي قيادت، لينن واري فڪر کي رد ڪندي، نئون حربو استعمال ڪيو. جنهن موجب انهن آئين مان ان شڪ جو خاتمو ڪري

ڇڏيو جنهن تحت هر رياست کي اهو حق ڏنو ويو هو ته اها جيڪڏهن وفاق کان ڌار ٿيڻ گهري ته ٿي سگهي ٿي .

سوويت يونين وارن طرفان اهڙي آئيني حرفت ۽ حرڪت تي، جارجيا ۽ ٻين رياستن ۾ وڏا مظاهرا ٿيا. اهڙي نوعيت واري جدوجهد ڪندي ڪندي مالديويا آگسٽ 1991ع ۾ آزاد ٿي ويو.

متي ذڪر ڪيل رياستن ڪانسواءِ آگسٽ 1990ع ۾ آرمينيا ۽ 1991ع جي اپريل ۾ جارجيا، آگسٽ ۾ بيلاروس، ڪرگستان، يوڪرين ۽ ازبڪستان آزاد ٿيا. جڏهن ته سيپٽمبر ۾ تاجڪستان، آڪٽوبر ۾ آزربائيجان، ترڪمانستان ۽ ڊسمبر ۾ قزاڪستان قومي آزادي ماڻي.

هڪ دور هو جڏهن اهو تصور ڪيو ويندو هو ته حق خودارادیت ۽ حق علحدگيءَ ۾ ڪو به فرق ڪونهي. "علحدگي ۽ خودارادیت ٻه الڳ شيون نه پر ٻه اهڙا لفظ آهن جيڪي هڪ ئي معني ۾ هڪ ئي مفهوم ڏين ٿا". (پندرنهن وار ساجاهه اپريل، ص، 38) اهو تصور ان ڪري جڙيو هو جو مخالفن سان علمي بحثن دوران لينن ئي چيو هو ته: "جيڪڏهن اسان قانوني تشريحن واري حرفت بازين کان ڪم نه وٺون يا هوائي تفسير ايجاد نه ڪيون پر قومي تحريڪن جي تاريخي ۽ اقتصادي بنيادن کي جاچيون ۽ پرکيون ته لازمن اسان کي ان نتيجي تي پهچڻو پوندو ته قومن جي خودارادیت مان مراد غير قومي گروهن کان ان قوم جي رياستي علحدگي ۽ آزاد قومي رياست جي تشڪيل هجي ٿي، خودارادیت جو مطلب الڳ رياستي وجود کان ڪجهه ٻيو سمجهڻ غلط آهي. (قومون ڪا حق خودارديت ص 47)

لينن جو هي مواد فيبروري 1914ع واري دور جو لکيل آهي جڏهن روزا لڪسمبرگ ۽ ٻين مخالفن سان سندس علمي ٽڪراءَ هلندڙ هو. انهن بحثن دوران لينن جي مخالفن حق خودارادیت واري اهڙي (علحدگي واري) فطري تصور کي ڇيهو رسائڻ لاءِ حق خودارادیت کي علحدگي جي مفهوم کان ٻنهه الڳ ڪري قومي برابري ۽ خودمختياري جي معني ۾ ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ ته ٻي انٽرنيشنل وقت روزا

الڪسمبرگ ۽ ٻين سوشلسٽن لينن جي قومي حق خوداراديت واري پروگرام جي مخالفت ڪئي هئي. انهن قومن جي حق علحدگي واري مفهوم کي هوشياريءَ سان رد ڪندي، قومن جي حق علحدگي بجاءِ انهن کي هڪ مرڪز هيٺ رکڻ تي زور ڏيندي قومي حقِ خوداراديت جي جاءِ تي قومي خوداختياري جو پروگرام پيش ڪيو جنهن جو مقصد هو ته علحده قومي رياستون ناهڻ بجاءِ قومن کي هڪ مرڪز هيٺ رکندي انهن کي علائقائي (اندروني) خوداختياري ۽ مقامي خودانتظاميہ جو حق ڏنو وڃي. (غور ڪري ڏسبو ته سنڌ ۾ هاڻ اهڙي نوعيت واريون ڪوششون ٿيندي نظر اچن پيون).

روزا لڪسمبرگ جنهن سان لينن جا علمي ٽڪراءَ مشهور آهن سندن وچ ۾ بحث پرين اختلافي نڪتن مان هڪڙو اهم نڪتو حق خوداراديت واري اصطلاح جي وضاحت بہ هئي، روزا لڪسمبرگ پنهنجي 'هڪ مضمون قومي مسئلو ۽ خوداختياري' ۾ خود اختياريءَ واري اصطلاح جي وضاحت ڪندي هڪ اهڙي بااصول جمهوري مرڪزيت جي ڳالهہ ڪئي آهي. جنهن ۾ سيني قومن کي برابري ۽ هڪ جيتري حيثيت حاصل هجي، جنهن ۾ مرڪز وٽ سواءِ چند خاص شين جي باقي اختيار خوداختيار اڪائين (قومن/ صوبن) وٽ هجن. غور ڪري ڏسبو تہ پاڻ وٽ حق خوداراديت جي دعويدارن جي بہ ساڳي صورتحال آهي. خوداراديت جو ذڪر ڪندڙ بظاهر لينن جي فڪر جا دعويدار آهن پر عملي اظهار ۾ خوداراديت چوندي بہ حق علحدگيءَ جا مخالف آهن ۽ تقريرن توڙي تحريرن ۾ اهڙي نوعيت جي مرڪزيت/ وفاق جا وڪيل ٿيو پون، جنهن ۾ سيني قومن کي برابري ۽ هڪ جيتري حيثيت حاصل هجي ۽ مرڪز وٽ رڳو ٽي ڪاتا هجن يعني اڪايون مقرر دائري ۾ رهندي، اندورني طور تي خوداختيار هجن. جڏهن تہ ان ساڳي اصطلاح لاءِ لينن "سوشلست انقلاب اور قوموں کا حق خوداراديت" (1916ع) ۾ وڏيڪ وضاحت سان لکيو تہ: "سوشلسٽ پارٽيون جيڪي هن وقت انقلاب جي بلندي ۽ انقلاب جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ جيڪڏهن پنهنجي

سمورين سرگرمين سان اهو ثابت نہ ڪري سگهن تہ اهي محڪوم قومن کي آزاد ڪري ڇڏينديون ۽ ان سان گڏ آزادانہ اتحاد جي بنياد تي (۽ آزادانہ اتحاد، علحدگي جي آزاديءَ ڪانسواءِ ڪوڙو اصطلاح آهي) تعلقات قائم ڪنديون تہ اهڙيون پارٽيون سوشلزم سان غداري ڪنديون". (قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ص 112)

نہ رڳو ايترو پر لينن ڏکهي تجربي کان پوءِ پنهنجي پوئين زندگيءَ ۾ سوشلسٽ اڳواڻن جا جيڪي طور طريقا ڏٺا تہ بيماريءَ جي بستري تي هوندي آئيني مسودي ۾ قومن جي حق خودارادیت واري اصطلاح اڳيان ڏنگين ۾ بمع حق علحدگي لکي، سوشلسٽ فڪر وارن کي هڪ ايمانداراڻو حقيقي رستو ڏسي ويو. پر هتي حال اهو آهي تہ ڳالهہ تہ تبديل ٿيل حالتن مان سبق حاصل ڪرڻ جي ڪبي، حوالا بہ لينن جا ڏبا پر عملي طرح بيهبو لينن جي مخالف قوتن واري فڪر سان، جن سان لينن زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين وڙهندو رهيو. لينن کان پوءِ سندس فڪر تي عمل نہ ٿيو تہ سوويت يونين جو جيڪو حشر ٿيو اهو سيني جي سامهون آهي.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال جي مدنظر، مقامي ڪميونسٽن ۽ سندن ساٿيارن سياسي آزادي، معاشي آزادي، ثقافتي آزادي وغيرهہ جهڙيون ڳالهيون تہ زور شور سان ڪرڻ شروع ڪيون پر جاگرافيائي آزادي، جنهن کي ٻين لفظن ۾ حق الحدگي چئجي ٿو. تنهن جا مڪمل طور مخالف آهن ايتري قدر جو ان سلسلي ۾ لينن واري ڪيل هدايت کي بہ توڙي مروڙي بيان ڪندا رهن ٿا. جيئن ملڪ لال خان، ٽيڊ گرانٽ ۽ ايلن ووڊز پنهنجي ڪتاب "قومي سوال ۽ مارڪسي بين الاقواميت" ۾ عورت جي ٻار ڪيرائڻ ۽ طلاق وٺڻ واري حق جي مخصوص حالتن ۾ حمايت ۽ عام حالتن ۾ ان جي مخالفت ڪرڻ بابت لينن جي لکڻين مان حوالو ڏيندي لکن ٿا: "اسين طلاق ۽ ٻار ڪيرائڻ جي حمايت نٿا ڪريون پر فقط طلاق ۽ ٻار ڪيرائڻ واري حق جي حمايت ڪريون ٿا. خودارادیت واري حق جي حمايت ڪرڻ ۽ بذات خود ڌار ٿي وڃڻ ۾ وڏو فرق آهي، اهو

فرق مارڪسي پاليسي ۽ وچولي طبقي جي قوم پرستي ۾ فرق جي برابر آهي". (لينن جي لکڻين جو مجموعو جلد 19)

اهو ئي سبب آهي جو امام علي نازش کان وٺي ملڪ لال خان تائين جيڪي به مجيل ڪميونسٽ آهن اهي حق خودارادیت بابت بمع حق علحدگي واري حوالي کي قبول ڪرڻ جي باوجود وڏي حرفت اها ڪندا آهن ته قومن جي حقيقي حق خودارادیت يعني جاگرافيائي علحدگي جي ڪڏهن به حمايت نه ڪندا. اهي سياسي، معاشي حق علحدگي جي ڳالهه ته قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا، پر جاگرفيائي علحدگي واري ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري اهي سنڌ جي آزاديءَ جا سدائين مخالف رهيا آهن.

سنڌ اندر اهو اڄ جو بحث ڪونهي. اهو پراڻو بحث آهي. 1977ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر ارباب وطن دوست انقلابي تنظيم ٺاهي هئي تڏهن به ان بحث عروج تي پهچي موٽ کاڌي هئي ان وقت هتان جي قوم پرست سوشلسٽن ڪيئن پئي سوچيو ان دور جي هڪ قوم پرست مارڪسٽ ان مسئلي جي شاندار ۽ سولي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته: "هڪ مارڪسٽ هئڻ جي ناتي اسان با اصول جمهوريت جا سڀ کان وڏا حامي آهيون، هڪ اهڙي جمهوريت جيڪا قومن جي برابري ۽ وڌ کان وڌ حق ڏئي. جيستائين قومي علائقا هڪ مرڪز جي تابع آهن اسان جي ڪوشش رهندي ته هر علائقي کي وڌ کان وڌ مڪاني خودانتظامي حاصل هجي. پر ان جو مقصد اهو به نه آهي ته قومن جي جمهوري حقن جي مطالبي ڪرڻ وقت انهن کي مرڪز کان وڌ کان وڌ اختيار وٺي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ قومن جي خودارادیت واري مطالبي تان هٿ کڻي ڇڏيون ۽ جدوجهد جو اصل بنياد خوداختياري جي حاصلات کي بڻائي ڇڏيون. ان کان وڌيڪ آزادي ۽ علحدگيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڇڏي ڏيون. نه صرف ڇڏي ڏيون پر علحدگيءَ جي مخالفت ڪندا وتون، ائين ڪرڻ سان اسان جو مارڪسسٽ ڪردار مجروح ٿيڻ لازمي آهي. جيڪڏهن ڪو مرڪز ان ۾ شامل قومن کي وڌ کان وڌ جمهوري حق ڏئي ٿو ته اسان ان عمل جي

آجيان ڪنداسين. ڪنهن بہ معني ۾ ان جي مخالفت نہ ڪنداسين، اهو نہ چونداسين تہ اهي جمهوري حق نہ ڏيو. ضرور ڏيو پر مڪمل جمهوري حق ڏيو علحدگيءَ جي حق تائين، صرف ٻن يا چئن حقن جو ملڻ ڪافي نہ آهي." (پندرنهن وار ساجاهہ حيدرآباد ص 39)

مٿي ذڪرثي آيو آهي تہ حق خودارادت جو اصل مفهوم قومن جي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ وارو هو پر، روزالڪسمبرگ واري ٽولي طرفان ڪيل هيرا ڦيرين ان جو روح ختم ڪري ڇڏيو اهو ئي سبب هو جنهن ڪري انقلاب کانپوءِ جڏهن لينن ڪي آئيني مسودو ڏيڪاريو ويو تڏهن هن ان ڳالهہ کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ خودارادیت واري اصطلاح اڳيان بمع حق علحدگي شامل ڪري ڇڏيو تہ جيئن قومن جي آزاديءَ واري حق جو تحفظ ٿي سگهي پر عجيب ڳالهہ آهي تہ هتان وارا قوم پرست نما ڪميونسٽ دعويٰ تہ لينن جي فڪر جي ڪن ٿا پر عملي اظهار ۾ لينن مخالف ٽوتن روزا لڪسمبرگ ۽ ٻين وارا ڪم ڪري رهيا آهن.

مٿين نوعيت واري ڊگهي اٿل پٿل سبب هاڻ حق خوارادیت وارو اصطلاح صرف اظهار وارو حق استعمال ڪرڻ تائين وڃي رهيو آهي، جنهن جا ڪيئي مثال موجود آهن. ان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ هتي سوشلسٽ ملڪ ڪيوبا جو مثال ڏيڻ ضروري سمجهجي ٿو. اخباري خبرن موجب 24 فيبروري 2019ع تي ڪيوبا وارن ملڪ جي نئين آئين لاءِ خودارادیت وارو حق استعمال ڪيو جنهن کي عوامي رفريڊم سڏيو ويو. اهو حق استعمال ڪرڻ لاءِ نقطو رکيو ويو هو تہ: "ڇا توهان ڪميونسٽ جمهوريہ ڪيوبا جي نئين آئين کي قبول ڪيو ٿا؟"

ان رفريڊم ۾ 86.85 سيڪڙو ماڻهن ان سوال جي جواب ۾ هاڪار ۽ 9 سيڪڙو ماڻهن ناڪار جڏهن تہ 4.15 سيڪڙو ماڻهن ووٽ ضايع ڪيو يا بيلٽ پيپر خالي ڇڏي ڏنو. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري هاڻ جيڪي بحث ٿين ٿا انهن ۾ حق خوارادیت کي مقصد جي حاصلات لاءِ هڪ رستو ظاهر ڪيو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ تہ اهو اڃان ضروري

آهي تہ لينن واري پيش ڪيل فڪر يعني حق خودارادیت (بمع حق علحدگي) واري اصطلاح کي واضح ڪري پيش ڪيو ويجي. پر هتي نام نهاد ڪميونسٽن ۽ سندن قوم پرست نما ڪامريڊ ساٿارين ان کي ڪيئن توڙيو مروڙيو آهي اچو تہ ان مسئلي کي سمجهڻ جي ڪريون.

لينن جي وئي ڪانپوءِ جنهن کي استالن جو دور ٿو سڏجي ان ۾ رڳو استالن نہ پر ان دور واري ڪميونسٽ روس جي اها مضبوط قيادت هئي، جنهن سوين سرڪردن اڳواڻن ۽ هزارين باشعور قومي ڪارڪنن کي اختلاف رکڻ ڪري قتل ڪرايو. اهڙي نوعيت واري آمراڻي انداز جو انت افغانستان ۾ ڦاسي زوال طرف وڃڻ واري عمل مان ملي ٿو. گوربا چوف وارين پاليسين سبب عوام ۾ جا بيداري آئي، ان ڪميونسٽ دنيا جي تاريخ تبديل ڪري ڇڏي.

هتي ڏسڻو اهو آهي تہ مظلومن جي مددگار سوويت يونين جو اهڙو حال ڇو ٿيو؟ ساڳيو ئي جواب آهي تہ قومن جا حق تسليم نہ ڪرڻ، انهن کي خودارادیت وارو حق نہ ڏيڻ ۽ پنهنجي هڪ هٽي ڏيکارڻ وارن عملن جي نتيجي ۾ ڪين اهي ڏينهن ڏسڻا پيا.

ٻي انٽرنيشنل ۾ موقف طئہ ٿيو هو تہ هن وقت تائين سامراجي ملڪن جيڪي سرحدون جوڙيون آهن انهن کي ٽوڙڻ بجاءِ انهن اندر انقلاب برپا ڪريو. يعني انهن جي سرحدي (پوءِ اهي توسيع پسنداڻہ ڇو نہ هجن) معاملن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ بجاءِ، طبقاتي انقلاب لاءِ ڪوشش ڪجي. جنهن بابت غور ڪري ڏسبو تہ اهو بہ هڪ سماجي انقلاب نظر ايندو. عين اهڙي سوچ تحت انهن برصغير جي ورهاست ۾ مسلم ليگ جو ساٿ ڏنو هاڻ اها ڇڻ تہ پاڪستاني ڪميونسٽ ۽ سندن ساٿيارين جي ضرورت ٿي ويئي آهي. ڇاڪاڻ تہ ورهاڱي ڪانپوءِ ٻاهران آيل ڪميونسٽن جو تعلق مقامي ماڻهن ۽ سرزمين سان جڙيو ئي ڪو نہ پئي ۽ ساڳي وقت ڪين ٻي انٽرنيشنل واري ڪيل فيصلي جي ٽيڪ بہ حاصل هئي. حد تہ اها آهي تہ ون يونٽ واري دور ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان مغربي پاڪستان واري وحدت جي حمايتي هئي ڪامريڊ



2-Jan-2025 21:47

حيدر بخش جتوئي سوشلسٽ خيال هئڻ جي باوجود ون يونٽ وارين غير نظري قائم ڪيل سرحدن خلاف يعني ون يونٽ ٽوڙڻ واري ڳالهہ ڪري رهيو هو تہ ڪميونسٽ پارٽي کيس پنهنجو ڪرڻ ۽ ميمبرشپ ڏيڻ لاءِ تيار ڪا نہ هئي. پاڪستاني ڪميونسٽ جيئن تہ پهرئين ڏينهن کان پاڪستاني حدن اندر ڪم ڪرڻ واري لائين تي هلي رهيا آهن انڪري پنهنجي مقصد جي پورائي لاءِ حق خودارادیت جي مارڪسي ليننی فلسفي کي مشغ ڪندي ڪندي خودارادیت واري حق کي خوداختياريءَ سان خلط ملط ڪري ڇڏيو اٿن. جنهن لاءِ وري 1940ع واري قرارداد جي آڙ ورتي وڃي ٿي.

**پٽڙ پرائو سور پنهنجا:**

هونئن تہ ڪائي بہ قوم عالمي نظرين ۽ معاملن جي اثر کان وانجهيل رهي نہ ٿي سگهي ان جي باوجود اها بہ حقيقت آهي تہ هر ملڪ ۽ قوم جون پنهنجون پنهنجون معروضي حالتون بہ ٿين ٿيون جيڪي پرائي پٽڙ تي پنهنجا سور ياد ڏياري ڇڏينديون آهن. ان حقيقت جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ڪيس کي ڏسنداسين تہ سائين جي. ايم. سيد جي وفات ڪانپوءِ جيئي سنڌ محاذ جي قيادت اهو تاثر ڏنو تہ سيد جي فڪر کي صرف اسين ئي اڳتي وڌائي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ تہ ٻيا بدڪردار ۽ بداخلاق آهن. پر نئين تشڪيل ٿيل ان جيئي سنڌ محاذ پنهنجي ادارن اندر بحث جي شروعات ئي سيد واري فڪر جي ناقابلِ عمل هئڻ ۽ وقت کان اڳ اها ڳالهہ ڪرڻ واري عمل سان ڪئي. جنهن تي اعليٰ قيادت اڳيان عرض رکيو ويو تہ جيڪڏهن سيد وارو فڪر اڻ ٽيٽي ڳالهہ ۽ ناقبلِ عمل هئڻ ڪري صحي نہ آهي تہ اوهان کي ان جو رد يا ڪو نئون فڪر پيش ڪرڻ گهرجي اجائي ڪج بحثي وارو ماحول پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. پر آئين ۾ تنقيد ۽ خود تنقييد وارو نڪتو موجود هجڻ جي باوجود ان جو صحي طرح استعمال ڪرڻ بجاءِ چيئرمين صاحب کيس مليل آئيني اختيارن جو حق (ناجائز طريقي سان) استعمال ڪندي

مسئلي کي گھٽائڻ بجاءِ ڪيتري عرصي تائين ڏيگھ ڪرائي مسئلي کي وڏائي ڇڏيو. معاملي وڌڻ واري صورت ۾ قومي حق خودارادیت وارو اصطلاح (بغير ادارن ۾ بحث ڪرائڻ جي) اڳيان آندو ويو. جنهن تي وري نئون بحث ڇڙي پيو ته اهو اصطلاح جماعت جي رهبر سائين جي. ايم. سيد واري فڪر جو پورائو ڪندڙ نه آهي. ان ڳالهه کي به عجيب انداز ۾ ڏيگهه ونرائي وئي، پهريان ته ان کي سائين جي. ايم. سيد جي فڪر برابر ۽ ساڳيون گھرجون پورو ڪندڙ طور ظاهر ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مختلف حوالن سان سيد جي عمل ۽ ڪردار مٿان بيجا تنقيدون ڪنديءَ جڏهن 25 سال گذري ويا ۽ جماعت پرزا پرزا ٿيندي رهي، سنڌ جي ڪيس کي بي پناهه نقصان پهتو تڏهن هاڻ ان دور واري چيئرمين صاحب جنهن اهو اصطلاح سيد جي فڪر برابر چئي ميدان ۾ آندو هو ۽ ڪارڪنن جا ذهن تبديل ڪرڻ چاهيا، جنهن سان مونجهارن ۽ مسئلن ۾ اضافو ٿيندو رهيو. تنهن ڊسمبر 2018ع ۾ قاسم پٽر جي ورسيءَ جي موقعي تي تقرير ڪندي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته: "سيد وڏو ماڻهو هو ان جي وڏي ڳالهه هئي، آءُ اها ساڳي ڳالهه جا سيد ڪئي جنهن طريقي سان ڪئي سان ڳالهه مان نه توڪري سگهان". اها آهي داناءَ ۽ دور انديش قيادت جي دانائي، جنهن سنڌ جي قومي تحريڪ کي موجوده حال تي پهچايو آهي. هاڻ اهو باصلاحيت ورڪرن تي ڇڏيل آهي ته اهي سنڌ جي ڪيس کي ڪيئن ٿا سمجهن ۽ اڳتي وڏائين. ڇاڪاڻ ته انقلاب ته بحرحال عوامي قوت سان اچڻو آهي، ۽ اها قوت پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪارڪنن کي ئي ڪم ڪرڻو آهي.

هن ڪتاب ۾ قومي حق خودارادیت جي ابتدا، ارتقا ۽ وقت بوقت ان ۾ آيل تبديلن جي روشنيءَ ۾ قومي خودارادیت واري حق کي دنيا جي ڪن ملڪن جي حوالي سان عالمي پس منظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان وٽ حق خودارادیت واري حوالي سان دنيا جي ڪجهه ملڪن جي آزاديءَ لاءِ ڪرايل رفريڊم جا پڻ حوالا پيش ٿيندا رهيا آهن. اهڙيون خبرون ڪندڙ مهربان، نه ته لينن جي حق



an-2025, 21:47

خودارادیت واري فڪر ڪي مڃڻ لاءِ تيار آهن ۽ نہ وري ڪنهن ٻئي جي دليل ڪي اهميت ڏيڻ ضروري سمجهن ٿا. سندن خيال ۾ جيڪي پاڻ چون ٿا اهو ئي سچ آهي ان سلسلي ۾ جن ڪجھ ملڪن جا حوالا ڏنا ويا آهن ٿا، انهن ملڪن ۾ آيل انقلابن جي پس منظر ۽ مرحلي وار ڪيل جدوجهد وارن طور طريقن کي سمجهڻ، سمجهائڻ کان سواءِ هر ڪنهن سان حق خودارادیت وارو فارمولا لاڳو ڪري بيان ڪرڻ واري ڪوشش ٿيندي پئي رهي آهي، جڏهن تہ اسان مختلف ملڪن اندر مختلف حوالن ۽ طريقن سان هليل جدوجهد ۽ حاصل ڪيل حاصلات جي نتيجي ۾ ائين سمجهون ٿا تہ هر ملڪ پنهنجي پنهنجي معروضي حالتن جي روشنيءَ ۾ وقت بوقت آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا پئي استعمال ڪيا آهن. انڪري چئي سگهجي ٿو تہ: قومي خودارادیت وارو حق هڪ طريقي ڪار يا حڪمت عملي جو نالو آهي نہ ڪي مقصد. گهربل مقصد لاءِ هر ملڪ پنهنجي پنهنجي حالتن ۽ ضرورتن تحت جدوجهد پئي ڪئي آهي، انڪري رڳو ان اصطلاح تي ڳنڍ ٻڌي وهڻ واري ڳالھ اجائي آهي.

سنڌ اندر ان حوالي سان مختلف ملڪن جهڙوڪ: مشرقي تيمور، ڪيٽالينا، ڪشمير وغيره جو بار بار ذڪر پئي ٿيو آهي. اسان هن مواد ۾ نہ رڳو انهن ذڪر هيٺ ايندڙ پر انهن کانسواءِ ماضي قريب ۾ قومي حق خودارادیت واري حد تائين پهچندڙ ڪجھ وڏيڪ ملڪن جي پس منظر، مرحلي وار ڪيل جدوجهد ۽ حاصل ڪيل نتيجن بابت علمي بحث ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن ذڪر ڪيل ملڪن وارين حالتن ۽ ڪيل جدوجهد جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي صورتحال جو جائزو وٺي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ بغير مقصد جي تعين، سوچ ويچار ۽ گهربل تياريءَ جي، اهڙي ڳُهر ڪرڻ فائدي جي بجاءِ نقصانڪار عمل ٿيندو.

طالب العلم

**ڊاڪٽر آزاد قاضي**

راڌڻ، ضلعو دادو سنڌ

آگسٽ 2019ع

# قومي حق خودارادیت جو
# عالمي پسمنظر

خودارادیت وارو حق پنهنجي جوهر ۾ نهايت ڪارگر ۽ ڪارآمد عمل آهي، بشرطيڪ ان لاءِ مستقل مزاجيءَ سان ڀرپور صبر آزما ۽ دير پا عوامي انداز واري محنت ڪري، عوام جو ذهن ڀرپور مقصد لاءِ صاف ڪري، پوءِ ان اصطلاح کي اڳتي آڻڻ وارا تجربا ڪيا وڃن. ٻاهرين دنيا ۾ اهڙو ئي عمل ٿيو آهي. پر هتي، جتي بقول سيد، 'انساني حق ئي حاصل ڪونهن' اتي ڇا ڪجي؟ اهڙي دور ۾ علمي مونجهارن پيدا ڪرڻ لاءِ، دنيا جا اهڙا ملڪ جن ۾ خودارادیت واري حق جو مطالبو استعمال ٿي چڪو آهي. انهن جا مثال اڳيان آندا وڃن ٿا.

دنيا سڪڙ جو جهان آهي انڪري اها ڪا خراب ڳالهه ڪانهي، پر ان ۾ خرابيءَ وارو پاسو اهو آهي ته انهن جا حوالا ڏيڻ وقت اڌوري ۽ اڻپوري معلومات (ڪن حالتن ۾ غلط پڻ) ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. عالمي سطح جي پيچيدگين بابت گهٽ معلومات هئڻ ۽ ڪارڪنن جي عقيدي پرستيءَ واري اثر هيٺ عدم دلچسپيءَ سبب،جيئن جيئن اڳواڻن پئي بيان ڪيو آهي، تيئن ڪارڪنن آمنا صدقنا ڪندي پئي پرچار ڪئي آهي. ان رجحان خودارادیت جي حق واري اصطلاح کي سنڌ واري مخصوص صورتحال ۾ ويتر منجهائي پيچيده ڪري ڇڏيو آهي.

خودارادیت واري حق بابت بغير تياري ۽ مبهم نموني ڳالهه ڪندڙ دوستن 2005ع ۾ ان ڳالهه کي، پنهنجي جماعت جي قومي ڪانگريس ۾ پيش ڪيل سياسي قرارداد طور پمفليٽ جي صورت ۾ لکي ورهايو هو. ان

۾ لکيو ويو هو ته: ”پاڪستاني رياست 1940ع کان وٺي ٿيندڙ هر معاهدي، قانون ۽ آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ان جو هر عمل ۽ ادارو پنجاب جي مفادن ۾ ۽ سنڌ سميت ٻين محڪوم قومن جي خلاف استعمال ٿي رهيو آهي. انڪري اها رياست مٿان سياسي آئيني توڙي اخلاقي طور پنهنجو حقِ حڪمراني وڃائي چڪي آهي انڪري ان رياست سان تعلق لاءِ سنڌي قوم کان نئين سر راءِ ورتي وڃي، ٻين لفظن ۾ دنيا جي مڃيل عالمي اصولن تحت سنڌي ماڻهن کي خوداراديت واري حق يا Right of Self determination استعمال ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.“

پاڻ پنهنجي ان گهُرَ بابت تفصيل ڏيندي لکن ٿا ته:

”اها گهر اسان انهن ئي اصولن، معيارن ۽ طريقن تحت ڪري رهيا آهيون، جن هيٺ اوير تيمور کي اهو حق ڏنو ويو آهي يا مغربي صحارا لاءِ فيصلو ٿي چڪو آهي يا خود پاڪستاني حڪمران ڪشميرين لاءِ گهري رهيا آهن.“

26 مارچ 2010ع تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر برڪت جتوئي جي سربراهيءَ ۾ سنڌن جماعت جي مرڪزي باڊيءَ پريس ڪانفرنس ڪئي. جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته: ”عوام جو فيصلو وٺڻ جو عالمي طور تسليم ٿيل طريقو قومي حق خوداراديت جو آهي، انڪري جيئي سنڌ محاذ گهُر ڪري ٿو ته سنڌي قوم کي خوداراديت جو فطري ۽ عالمگير حق استعمال ڪندي، پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ۽ ان مقصد لاءِ عوامي ريفريڊم ڪرايو وڃي.“

سنڌن اهو به چوڻ آهي ته سنڌ ۾ جيئن ته خوداراديت واري حق حاصل ڪرڻ جو اهو نئون تجربو آهي، ان حوالي سان پاڻ دنيا جي ڪجهه ملڪن جا حوالا پڻ ڏيندا رهيا آهن. ان سلسلي ۾ هتي به گذارشون ڪرڻيون آهن:

(1) قومي حق خودارادیت جي مطالبي واري ڳالهه هتي پهريون تجربو ڪونهي. سائين جي. ايم. سيد اڄ صديءَ کان اهي ڳالهيون ڪندو پئي آيو.

(2) جن ملڪن جو پاڻ حق خودارادیت واري حوالي سان ذڪر پيش ڪن ٿا، انهن بابت سموريون حقيقتون بيان ڪرڻ بجاءِ، من پسند معلومات پيش ڪئي وڃي ٿي.

انڪري هيٺ اهڙن چند ملڪن جي ڪيل جدوجهد جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو. ته جيئن اهو سمجهي سگهجي ته انهن ملڪن ۾ اهو مطالبو ڪهڙي موڙ تي ٿيو. انهن جي جدوجهد ڪهڙا ڪهڙا مرحلا طئه ڪيا آهن ۽ خودارادیت واري حق استعمال ڪرڻ کان اڳ انهن ڇا ڇا ڪيو؟ ته جيئن انهن مرحلن جي اصل حقيقتن کي سمجهي سگهجي، ۽ اهو معلوم ٿئي سگهي ته اهي ملڪ خودارادیت جي حق حاصل ڪرڻ واري مرحلي تائين ڪهڙا مرحلا طئه ڪري پوءِ ان مطالبي تي پهتا.

# اوڀر تيمور، انڊونيشيا کان آزاديءَ جو خواهان

اوڀر تيمور 1540ع کان پرتگالي سلطنت جو هڪ ڏورانهون علائقو هو. ان خطي ۾ 1975ع ۾ جڏهن سالازار جي آمريت ختم ٿيڻ لڳي تہ اتي ڪميونسٽ خيال رکندڙ حڪومت ان يقين سان عارضي انتظاميہ تيار ڪري ورتي تہ (اوڀر تيمور هڪ پرتگالي ٻولي ڳالهائيندڙ رومن، ڪئٿولڪ ملڪ طور قائم رهي سگهي ٿو) ان دور جي بلاڪن ۾ ورهايل دنيا ۾ هر بلاڪ پنهنجي مفادن جي روشنيءَ ۾ اثر رسوخ استعمال ڪندو هو. اوڀر تيمور ۾ ان وقت جيئن تہ ڪميونسٽن جو اثر هو، انهن اتي هڪ عبوري انتظاميہ قائم ڪري، پير ڪوڙڻ شروع ڪيا، اجا عبوري انتظاميہ پنهنجا پير پختا ڪري ئي ڪري، ان کان اڳ پاڙيسري ملڪ انڊونيشيا قبضو ڪري، اوڀر تيمور کي پاڻ سان ملائي ڇڏيو پرتگالين ان عمل تي احتجاج ڪيو پر ان کي ڪا ئي اهميت ڪا نہ ملي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ٻن بلاڪن ۾ ورهايل هئڻ ڪري ٻئي ڌريون پنهنجي مفادن خاطر ان عمل تي نيم رضامندي جو مظاهرو ڪندي خاموش رهيون، ڇاڪاڻ تہ انهن کي اوڀر تيمور جي حوالي سان خوف هو تہ سندن لاءِ ننڍڙي ۽ ڪمزور حڪومت نام نهاد ڪميونسٽ رياست جو اڏو بڻجي سگهي ٿي. جتان ڪميونسٽ هر علائقي ۾ سرگرم ٿي پئي سگهيا. اهڙي خوف واري ماحول ۾ انڊونيشيا پنهنجو قبضو مضبوط ڪرڻ لاءِ 1965،66 واري دور ۾ سيڪيورٽي ۽ امن امان جي نالي ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ماريا. اهڙي طرح اڳتي هلي 1975ع ۾ باضابطہ طور اوڀر تيمور جو انڊونيشيا سان

الحاق ڪيو ويو تہ ان عمل خلاف آزاديءَ جي تحريڪ بہ شروع ٿي وئي.
آزاديءَ واري ان جدوجهد دوران 1977ع ۽ 1980ع واري دور ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ماريا ويا ۽ اوترو ئي انگ غربت ۽ بدحاليءَ سبب پيدا ٿيل بيمارين ۾ مري ويو. ان دوران ملٽري جيڪو قتل عام ڪيو ان جي نتيجي ۾ سڄي دنيا اندر اوڀر تيمور جي مسئلي تي انساني حقن جي ڪارڪنن آواز بلند ڪرڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ اولهہ جي ملڪن انڊونيشيا سان واپاري لاڳاپن سبب اوڀر تيمور جي مسئلي تي ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهو ۽ خاموشي اختيار ڪندا رهيا پر اوڀر تيمور جي عوام پاران لاڳيتن پُر امن احتجاجن جي نتيجي ۾ اهو مسئلو دٻجي ڪو نہ سگهيو ۽ مظلوم عوام جي حق لاءِ عالمي برادري طرفان بہ آواز بلند ٿيڻ لڳا.

ان جي باوجود 1991ع ۾ اوڀر تيمور جي گاديءَ واري هنڌ ٿيندڙ پر امن مظاهرن جو قتل عام ڪيو ويو. اهڙي هڪ واقعي جو اکين ڏٺو احوال لکندي هڪ آمريڪي صحافي لکيو تہ:

”اوڀر تيمور جا شهري انڊونيشيائي فوجن کي ڏسي پوئتي هٽي ويا هئا. هنن وٽ ايم 16 رائفلون هيون جيڪي سڌيون تاڻي هٿين خالي عوام ڏانهن وڌندا ٿي ويا. ماڻهو هٽندا ٿي ويا ۽ فوجي وڌندا ٿي ويا. آخر ڪار هڪ جاءِ تي پهچي فوجين ان هٿين خالي هجوم تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا.“

اهڙين ڪاروائين ڪان پوءِ پنجن سالن اندر اوڀر تيمور جو عوام مضبوط سياسي قوت ٿي اڀريو. 1976ع ۾ اوڀر تيمور جي ٻن شخصيتن ”هيو بشپ ڪارلوس بيلو“ جنهن علائقي جي انساني حقن جو مسئلو وڏي بهادري سان دنيا اڳيان آندو ۽ ٻيو ’اوزي راموس‘ جيڪو 1975ع واري عبوري انتظامي حڪومت ۾ پرڏيهي معاملن جو وزير هو ۽ پوءِ جبري الحاق واري عمل تي احتجاج ڪندي آسٽريليا هليو ويو. انهن ٻنهي کي عالمي انعامن سان نوازيو ويو اهو عمل اوڀر تيمور جي عوام لاءِ خوشيءَ جو سبب هو ڇاڪاڻ تہ اهڙي انعام ملڻ ڪري اوڀر تيمور وارن جي مظلوم هجڻ واري حيثيت دنيا اڳيان نمايان ٿيڻ لڳي. خاص ڪري ان

صورتحال ۾ جڏهن 'هيو بشپ ڪارلوس' انعام واري تقريب ۾ هيٺيان جملا چيا:

"مون کي ان ڳالهه تي پختو يقين آهي تہ مان هتي وچ اوير جي بي زبان ماڻهن جي آواز طور موجود آهيان. جيڪي منهنجا ساٿي ۽ هڏ ڏوکي آهن ۽ ماڻهو جيڪي چاهين ٿا تہ علائقي ۾ امن قائم ٿئي، تشدد ختم ٿئي ۽ انهن جي حقن جو احترام ٿئي."

وڏندڙ اندورني احتجاجن ۽ انساني حقن وارين تنظيمن جي ڪوشش ڪان پوءِ صدر سهارتو جڏهن استعفيٰ ڏئي ويو تڏهن ان جي استعفيٰ بابت عالمي امن انعام يافتہ "اوزي راموس" پاران بہ عالمي دنيا جو اکيون کوليندڙ رد عمل آيو هو. ان باري ۾ هن چيو هو تہ:

"مون کي اميد آهي تہ سهارتو جلد ئي هن دنيا مان دور پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن هليو ويندو جيڪا اڳ گذاري وئي آهي. هڪ عيسائيءَ جي حيثيت ۾ مون کي سندس گهر واري جي وفات تي ڏاڍو ڏک رسيو آهي، جو تہ هو انڊونيشيا جي عوام کي لٽڻ ۽ لالچي زندگي گذارڻ کان پوءِ هاڻي دوزخ ۾ اڪيلائي محسوس ڪندي هوندي سو مون کي ان جي دوزخ جي باهہ ۾ اڪيلي سر سڙڻ جو افسوس آهي. منهنجو خيال آهي تہ سهارتو تو کي بہ ان ڏانهن وڃڻ گهرجي."

انڊونيشيا ۾ صدر سهارتو کان پوءِ مسٽر "بي جي حبيبي" آيو جنهن کي صدر سهاتو پاڻ جانشين مقرر ڪيو هو.ان جُون 1998 ۾ اوير تيمور بابت پاليسي بيان جاري ڪري دنيا وارن کي حيران ڪري ڇڏيو هن اعلان ڪيو تہ:

"اصولي طور مان ان ڳالهه لاءِ تيار آهيان تہ اوير تيمور کي خاص حيثيت ڏني وڃي، سيني قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ پهاڙن تي ويلن لاءِ عام معافي جو اعلان ڪيو وڃي پر ان لاءِ اهو شرط هوندو تہ ان کان پوءِ اوير تيمور جو مسئلو ختم سمجهو وڃي."

ان حوالي سان انڊونيشيائي حڪومت اوير تيمور جي خودمختياريءَ جي سلسلي ۾ مختلف فارمولا پڻ پيش ڪيا پر پوءِ بہ اهو

مسئلو سندن خواهش موجب نبرجي ڪو نہ سگهيو. چاڪاڻ تہ ان وقت تائين اوڀر تيمور جو قومي مسئلو خودمختياريءَ کان اڳتي وڌي مڪمل آزاديءَ واري مرحلي تائين پهچي چڪو هو ان ڪري حڪمرانن جي خودمختياريءَ وارين آڇن کان پوءِ اتان جي سياسي چڪتاڻ نئون رخ اختيار ڪري ورتو. جنهن ۾ مختلف وقتن تي پرتشدد واقعا پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهو سنگين اختلاف اوڀر تيمور جي خوداختياري يا مڪمل آزادي واري سوال تي هو. ان نوعيت جي ڇڪتاڻ پٺيان وقت جي سرڪار جي حڪمت عملي ڪارفرمان هئي. جنهن جو مقصد اتي آباد ڏاري آبادي کي هٿي ڏئي، اوڀر تيمور جي آزادي خلاف ۽ انڊونيشيا جي حق ۾ مظاهرا ڪرائڻ هو. اها حڪمرانن جي نئين چال هئي تہ جيئن کين آزادي ڏيڻ بجاءِ صوبائي خودمختياري جي نالي ۾ اوڀر تيمور جي عوام کي انڊونيشيا سان گڏ رکيو وڃي ۽ آزاديءَ جو مطالبو ڪندڙن کي اقليت ظاهر ڪري انهن جي عالمي اهميت کي ڌڪ رسايو وڃي. اوڀر تيمور جي مسلسل طويل جدوجهد جي نتيجي ۾ دنيا وارن جون اکيون کليون ۽ آمريڪا سوڌو مختلف ملڪن ۾ اوڀر تيمور وارن مظلومن جي حق ۾ مظاهرا ٿيڻ لڳا. جنهن ۾ سندن آزاديءَ وارو حق بہ شامل هو. ان عالمي دٻاءَجي نتيجي ۾ اقوام متحده مداخلت ڪري، انڊونيشيا کي مجبور ڪيو تہ اوڀر تيمور جي آزاديءَ واري مطالبي جي مدِ نظر خودارادیت واري حق جي بنياد تي رفريڊم ڪرائي.

اهڙيءَ ريت عالمي دٻاءَ تحت آگسٽ 1999ع جي پڇاڙي ۾ گڏيل قومن جي تعاون سان خودارادیت وارو حق استعمال ڪندي جيڪو رفريڊم ڪرايو ويو ان ۾ پڇيو ويو هو تہ:

"انڊونيشيا وارا خودمختياري قائم ڪرڻ گهرن ٿا يا نہ."

ان رفرينڊم ۾ اتان جي عوام مٿي ذڪر ڪيل خيال کي رد ڪندي آزاديءَ جي حق ۾ واضح طور فيصلو ڏنو تہ انڊونيشيا ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي، مٿن ڪاهہ ڪئي، نتيجي ۾ امن بحال رکڻ لاءِ گڏيل قومن جي فوج عملي مداخلت ڪري امن بحال ڪرائي، انڊونيشياجي

صدر کي مجبور ڪيو ته ٽيل فيصلو قبول ڪري، تڏهن وڃي مئي 2002ع ۾ اوڀر تيمور کي مڪمل آزادي ملي.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال مان هيٺيان نڪتا واضح ٿين ٿا:

1. اوڀر تيمور وارن پنهنجي آزاديءَ وارو موقف قوم اڳيان واضح طور تي رکيو.

2. ان جي حاصلات لاءِ عوامي مهم هلائڻ سان گڏ انهن ڪن موقعن تي پُر تشدد طريقو پڻ اختيار ڪيو پوءِ جڏهن ان عمل جي نتيجي ۾ عالمي دنيا کين خودارادیت واري حق جي بنياد تي رفريڊم ڪرائڻ تي راضي ڪيو، تڏهن انهن اهو عوامي حق پڻ استعمال ڪيو.

3. عوام ۾ قوم پرستن جو قومي مقصد لاءِ ايترو ته واضح ڪم ٿيل هو جو اقوام متحده پاران ڪرايل ان رفريڊم جي نتيجي ۾ عوام انڊونيشيا کان ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڏنو.

4. جڏهن اهو فيصلو به قابض قوتن قبول ڪو نه ڪيو ته وري ساڳي خانه جنگيءَ واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ٻيهر اقوام متحده کي مداخلت ڪري، پنهنجون فوجون لاهي، امن بحال ڪرائڻ سان گڏ اڳ ٿيل رفريڊم تي پڻ عمل ڪرائڻو پيو.

5. 1970ع واري پاڪستاني اليڪشن ۾ مشرقي پاڪستان جي عوام به هڪ قسم جي رفريڊم ۾ عوامي ليگ جي حق ۾ واضح ووٽ ڏنو هو. پر اهو جيئن ته ڇهه نڪاتي پروگرام هيٺ صوبائي خودمختياريءَ جو معاملو هو ان ڪري قابض قوتن جڏهن ان فيصلي کي قبول نه ڪندي، بنگالين مٿان فوج ڪشي ڪئي، تڏهن واضع موقف نه هئڻ ڪري دنيا ۾ ڪو به سندن مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي نه آيو. ڇاڪاڻ ته اهو ملڪ جو اندروني معاملو هو. ان ڪري رفريڊم لاءِ اهو ضروري آهي ته پنهنجو موقف واضح بيان ٿيل ۽ عالمي اصولن سان ٺهڪندڙ هجي.

# ڪيوبڪ:
# ڪئناڊا کان آزاديءَ جو خواهان

آمريڪي، فرينچ ۽ دنيا جي مختلف نسلن تي مشتمل ڪيوبڪ، ڪئناڊا جي ڏهن صوبن مان آباديءَ جي لحاظ کان نائين نمبر تي آهي. اتان جي 'سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي' آزاديءَ جي خاطر ڊگهي عرصي کان ماحول ٺاهڻ کانپوءِ 1970ع، 1973ع واريون اليڪشنون آزاديءَ واري نعري هيٺ وڙهيون. جيتوڻيڪ اهي صوبائي چونڊون هيون، جنهن ڪري ٻاهرئين نسل وارن پاران مخالفت ۾ ووٽ ڏيڻ ڪري، ان ۾ ڪين ناڪامي نصيب ٿي. ان تجربي مان ڪيوبڪ وارن سبق حاصل ڪيو ته نسلي بنيادن بجاءِ قومي بنيادن واري جدوجهد درست ۽ ڪارگر آهي. اهڙي ريت انهن طريقي ڪار ۾ تبديلي آڻي، ڪيوبڪ ۾ مستقل آباد مڙني نسلن کي ڪيوبڪ قوم جي بنياد تي متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خوداراديت واري حق جي بنياد تي ڪئناڊا ۽ ڪيوبڪ وچ ۾ تعلق بابت رفريڊم جو مطالبو ڪيو.

اهم ڳالهه اها هئي ته سندن آزاديءَ واري ان مطالبي ۾ ٻنهي ملڪن جي ڪرنسي به گڏيل رکڻ تي آمدگي ڏيکاري وئي هئي. سندن ان مطالبي کي ڪئناڊا عالمي اصول تصور ڪندي قبول ڪيو پر پوءِ به ڪيوبڪ جلد بازي ڪرڻ بجاءِ پاڻ کي آزمائڻ لاءِ 1976ع ۾ ان نعري هيٺ صوبائي چونڊن ۾ شاندار ڪاميابي ماڻڻ ۽ صوبي ۾ پهچو اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ چار سال عوام ۾ ڪم ڪرڻ بعد، ساڳي پارٽي پروگرام تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ

1980ع ۾ ڪئناڊا کان آزاديءَ واري مطالبي تي عالمي اصول موجب رفريبلم ڪرايو. جنهن ۾ ڪين ڪاميابي حاصل ڪا نہ سگهي.

سندن ان ناڪاميءَ پويان فرينچ نسل واري آباديءَ جي انگريزن ۽ ٻين نسلن طرفان سندن ان مطالبي خلاف ووٽ ڪرڻ وارو عمل شامل هو. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي، پندرهن سالن تائين نسل پرستيءَ کان بچندي وري نئين سِرِ آزاديءَ لاءِ سنجيدگيءَ سان پرچار ڪري، هو اڳ واري نسلي تفاوت کي مٽائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا رهيا.

اهڙي ريت 1995ع ۾ هنن ٻيهر ساڳي مقصد لاءِ خودارادِيت وارو حق استعمال ڪندي، رفريبلم ڪرايو. ان رفريبلم ۾ جيتوڻيڪ ڪين اڳ جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ڪاميابي حاصل ٿي پر پوءِ بہ ٿوري فرق سان ڪين شڪست آئي. جيتوڻيڪ اهو فرق تمام ٿورو هو پر ڪيوبڪ احتياط کان ڪم وٺندي سترهن سال گذرڻ بعد بہ اجان تائين تياري ڪري رهيا آهن، تڪڙ ڪري آزاديءَ لاءِ رفريبلم وارو مطالبو نہ ٿا ڪن. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪامياب ٿئي ٿو يا نہ تو ٿئي پر اهو سندن آخري موقعو هوندو. انڪري هو آخري موقعو وڏي احتياط ۽ تياريءَ ڪانپوءِ استعمال ڪندا تہ جيئن اهو مليل آخري موقعو هٿان وڃائي نہ وهن.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال مان هيٺيان نڪتا واضح ٿين ٿا:

1. خودارادِيت واري حق جو ڪيوبڪ واري حوالي سان ذڪر ڪرڻ وقت، ڪيوبڪ قوم جي ڪئناڊا خلاف واضح طرح آزاديءَ لاءِ ڪيل ڊگهي جدوجهد کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي.

2. ڪيوبڪ صوبي ۾ واضح طور بار بار اقتدار اعليٰ جي منسب تي رهڻ ۽ ان حيثيت ۾ عوام ۾ آزاديءَ لاءِ پرچار ڪندي رهڻ ڪانپوءِ بہ ڪين ڀرپور نتيجا ملي نہ سگهيا.

3. ٻاهران آيل مختلف نسلن واري قوم هئڻ سبب، اهي نسل جيڪڏهن ووٽ نہ پيا ڪن تہ رفريبلم ڪيوبڪ قوم جي حق ۾ نہ پيو وڃي.

4. اها ساڳي صورتحال سنڌ جي آهي، جنهن ۾ وڏي دانشمندي ۽ محنت سان اڳ آباد ٿيل ٻين نسلنَ کي پاڻ سان هم خيال ۽ هم سفر رکڻ واري اهميت ۽ ضرورت جي مد نظر، سائين جي. ايم. سيد ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ کان وٺي، سنڌ قومي اتحاد تائين سموري سفر ۾ نسلي بنيادن بجاءِ قومي بنيادن کي فروغ ڏيندي، ٻاهران آيل ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن کي به پاڻ سان گڏ رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

سنڌ بابت خوداراديت واري حق جون ڳالهيون ڪندڙن کي مٿي ذڪر ڪيل صورتحال کي به نظر ۾ رکڻ جي ضرورت آهي.

# مغربي صحارا:
# مراڪش (موراڪو) ۽ ماريطانيہ ڪان آزاديءَ جو خواهان

آفريڪا جي اتر اولھ ۾ واقع هي ملڪ پهريان اسپين جي قبضي هيٺ هو جنهن خلاف هٿيار بند جدوجهد هلندڙ هئي. عالمي جنگ ڪانپوءِ جيئن ئي ڪالونيون ختم ٿيڻ لڳيون, تيئن اقوام متحده جي مداخلت تي اسپين پنهنجو قبضو ختم ڪيو. تہ ان تي مراڪش ۽ ماريطانيہ قبضو ڪري ملڪ کي پاڻ ۾ ورهائي (ٻہ حصامراڪش, هڪ حصو ماريطانيہ) ڪنيو. نتيجي طور ڊگهي عرصي تائين اتان جي جدوجهد ڪندڙ تنظيم پوليساريو هٿيار ڦٽا نہ ڪيا. اڳ هڪڙي ۽ پوءِ ٻنهي ملڪن خلاف هٿيار بند جدوجهد جاري رکي, جنهن جي نتيجي ۾ 1979ع ۾ ماريطانيہ کي اتان نڪرڻو پيو پر صحارا وارن کي اڻپورو فائدو ٿيو. ڇاڪاڻ تہ ماريطانيہ جي نڪرڻ سان گهٽي حصي تي تہ وري ٻہ مراڪش قبضو ڪري ورتو پر پوءِ ٻہ ڪجھ حصي تي پوليساريو "صحراءِ عرب ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ" نالي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ باقي ملڪ لاءِ 'جنگ اسان جي جاري رهندي' وارو اعلان برقرار رکيو. ان مسلسل جدوجهد جي نتيجي ۾ 1991ع ڌاري گڏيل قومن مداخلت ڪري, ان شرط تي جنگ بندي ڪرائي تہ ايندڙ سال اتان جي عوام کان مراڪش سان گڏ رهڻ يا ان کان آزاد ٿيڻ بابت رفريڊم ڪرايو ويندو. ان قومي رفريڊم لاءِ پوليساريو اتان اسپين جو قبضو ختم ٿيڻ واري وقت, ملڪ ۾ موجود عوام جي حد تائين ووٽ جوحق محدود رکڻ جي ڳالھ

ڪئي. پر سنڌن ان راءِ کي اهميت نہ ڏينديءِ مراڪش جي بادشاهہ (جنهن ڏاري آبادڪاري کي زور وٺايو هو) اتي بعد ۾ آباد ٿيل سموري عوام کان رفريبم ڪرائڻ جي ڳالهہ ڪئي، جنهن تان ٻنهي ڌرين ۾ اتفاق راءِ نہ ٿي سگهيو ۽ پوليساريو جي جدجهد جاري رهي.

اڳتي هلي 2000ع ۾ گڏيل قومن مراڪش جي بادشاهہ واري ڏنل رٿ تي عمل ڪرائڻ لاءِ اپيل ڪئي، جيڪا پوليساريو قبول نہ ڪئي.اڳتي هلي 2002ع ۾ مراڪش جي بادشاهہ رفريبم واري راءِ کي رد ڪري ڇڏيو. ان موڙ تي اتان جي آزادي پسندن هٿيار استعمال ڪرڻ وارو حق برقرار رکنديءِ تنظيمي نيٽ ورڪ ذريعي مراڪش جي اندر بہ آزاديءَ جي حق ۾ مسلسل مظاهرا ڪرايا. جنهن دٻاءَ هيٺ مراڪش جي بادشاهہ اولهہ صحارا وارن لاءِ آزاد حڪومت جي رٿ پيش ڪئي، جيڪا گڏيل قومن طرفان عمل ۾ نہ آئي. آزادي پسندن (جن کي مراڪش دهشت گرد سڏي پيو) پاران ورتل عوامي ڪوشش جي نتيجي ۾ 2010ع ۾ مراڪش تي عوامي دٻاءَ وجهڻ ۽ عالمي دنيا جون اکيون کولڻ لاءَ لڳ ڀڳ 12 هزار صحرائي عوام بي گهر هئڻ جي ڳالهہ ڪنديءِ مراڪش جي قبضي هيٺ علائقي ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو. انهن مراڪش جي سرحد تي ڪئمپون قائم ڪريءِ دنيا وارن جو ڌيان ڏانهن توجهہ ڇڪايو. حڪومت عوام کي منتشر ڪرڻ لاءِ، انهن مٿان هوائي جهازن وسيلي پاڻي وسايو. پوليساريو مراڪش کي رياستي دهشت گرد قرار ڏيندي سنڌن خلاف جنگ جاري رکي.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال مان هيٺيان نقطا واضح ٿين ٿا:

(1) اسان وٽ اڪثر چيو ويندو آهي جدوجهد جا بہ طريقا آهن، هڪڙو هٿيار بند جدوجهد ۽ ٻيو خودارادت وارو حق. پر پوليساريو جي جدوجهد جنهن عالمي اداري کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو. ان جو عمل اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿو تہ اهو چوڻ درست ڪونهي، پوليساريو وارن هڪ ئي وقت ٻئي طريقا استعمال ڪيا. انهن جي اها هٿياربند جدوجهد ئي هئي، جنهن ڪين دنيا ۾ متعارف ڪرايو ۽ عالمي اداري مداخلت ڪئي. پر

اڳتي هلي ڪين جڏهن عوامي سگهہ ڏيکارڻ جي ضرورت محسوس ٿي پئي، تڏهن سندن عوامي ڪم بہ ايترو ٿيل هو جو سندن چوڻ تي هزارين پر امن عوام سرحد ڪراس ڪرڻ لاءِ سرحدن تي پهچي ويو.

2) بنيادي اهميت سياسي ڪم کي هئڻ گهرجي، اهو عوام ۾ سنجيدگي ۽ ايمانداريءَ سان واضح طور قومي آزاديءَ لاءِ ڪيل سياسي ڪم ئي هو جنهن ڪري عوام جماعت جي ڪيل هر فيصلي کي لبيڪ پئي ڪيو. ايتري قدر تہ انهن اقوام متحده جي ڪيل آڇن مٿان بہ پارٽيءَ جي ڏنل پروگرام کي فوقيت ڏني.

3) اولهہ صحارا کي آزادي ڏيارينڌڙ ڌرين، ڪنهن بہ موڙ تي مراڪش جي بادشاهہ جي ڪائي بہ پيشڪش قبول نہ ڪئي، نہ وري ان خلاف جدوجهد جو رخ تبديل ٿيڻ ڏنو.

4) خودارادیت وارو حق جدوجهد جو طريقو نہ پر هڪ رستو آهي، جيڪو جدوجهد جي نتيجي ۾ اقوام متحده يا ڪائي ٻي وچ واري سگهاري ڌر پيش ڪندي آهي. جيئن اولهہ صحارا لاءِ اقوام متحده پيش ڪيو جيڪو پوليساريو ڪجهہ شرطن تي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي.

# ڪشمير:
# گهڻ رخي جدوجهد جي گهيري ۾

خوداراديت واري اصطلاح جي مبهم ۽ گهڻ معنائين استعمال جو سڀ کان وڏو مثال ڪشميرين جي جدوجهد آهي. ڪشمير ايشيا جي وچ ۾ واقع هئڻ ڪري وڏي اهميت جو حامل آهي. سندس چوڌاري چين، افغانستان پاڪستان ۽ هندستان ڏريا بيٺا آهن. ورهاڱي کان اڳ سندن جداگانه حيثيت هئي. جيڪا پاڪستان ۽ هندستان جي ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ ختم ٿي وئي ۽ آزاد رياست ٻه حصا ٿي وئي آهي. گڏيل ڪشمير جي 67 سيڪڙو آبادي جيڪا ستن لکن جي لڳ ڀڳ آهي هندستاني انتظاميه جي هٿ هيٺ ۽ باقي 33 سيڪڙو جيڪا گهٽ يا وڌ اڍائي لک ماڻهن تي مشتمل آهي پاڪستان جي ڪنٽرول واري علائقي ۾ آهي. (ڪتاب ڪشمير ۽ سنڌ ص 43)

ان وقت جي وڙهاند واري مجموعي صورتحال جي مدنظر جواهر لال نهرو 1948ع ۾ ڪشمير جو مسئلو گڏيل قومن جي اداري ۾ کڻي ويو. جنهن خوداراديت واري حق جي بنياد تي رفريڊم ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن تي ان صورت ۾ عمل ٿيڻو هو ته، رفريڊم کان اڳ ٻئي ڌريون ڪشمير مان پنهنجون فوجون واپس ڪنديون. جنهن تي پاڪستان نه عمل ڪيو ئي ڪو نه. هندستان ٻه جزوي طور عمل ڪيو ان ڪري اها راءِ قابلِ عمل ٿي ڪو نه سگهي.

ان کانپوءِ اقوام متحده مسئلي جي حل لاءِ جيڪي ٻه حل پيش ڪيا، انهن کي هندستان قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڇاڪاڻ ته هو ڪشمير کي پنهنجو اٽٽ حصو بيان ڪندي، ان کي اندروني مسئلو ٿو

ظاهر ڪري؛ ڪشمير واري اهميت ۽ ضرورت جي مدنظر هندستان ان رياست کي ايترا تہ اختيار ڏنا جو هڪ ڀيري هندستان جي پارليامانيءَ اڳواڻ شام پرساد مکرجي سوال اٿاريو هيو تہ: "ڪشمير جي حيثيت رياست ۾ هڪ ٻي رياست وانگر تسليم ڪئي پئي وڃي ڇا؟ (ڪتاب ڪشمير ۽ سنڌ، ص 47)

ڪشميري رياست جي خودارادي واري حق جو سوال هن وقت ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پاڪستان جي اثر هيٺ گروپ خودارادي واري حق جو مطلب پاڪستان سان شامل ٿيڻ کي تصور ڪن ٿا ۽ هندستان جي اثر وارا گروپ هندستان سان رهڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا. جڏهن تہ ڪجهہ گروپ (جيڪي ٿورائي ۾ آهن) ٻنهي ملڪن جي مداخلت کان پاڪ ڳڏيل ڪشمير حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. پاڪستان سرڪار جڏهن بہ خودارادي واري حق جي ڳالهہ ڪري ٿي، تڏهن ان جو مطلب پنهنجي اثر واري عوام جي حمايت ڪرڻ هوندو آهي. ان ڳالهہ جو اندازو پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو جي ڪشمير بابت صحافين کي ڏنل هڪ بيان مان ٿي وڃي ٿو. جڏهن سندس کان سوال ڪيو ويو تہ: "اوهان حق خودارادي جو مطالبو ڪشميرين جي لاءِ تہ ڪيو ٿا پر ڇو انهن جي ٽرڊ آپشن جي حمايت نہ ٿا ڪيو."

ان جي جواب ۾ هن چيو هو تہ: "جيڪڏهن اسان ڪشمير جي لاءِ ٽرڊ آپشن جو مطالبو ڪيو تہ پوءِ پنڊورا باڪس کلي پوندو ۽ پوءِ ڪن ٻين علائقن مان بہ اهڙا مطالبا ٿي سگهن ٿا."

آڪسفورڊ جي پڙهيل بينظير صاحبہ طرفان ان حق خودارادي واري بنيادي اصول جي نفي ڪندڙ اظهار بابت اها ڳالهہ واضح پئي آهي تہ هو جيڪڏهن ڪشميرين جي اهڙي فطري حق کي قبول ڪندا تہ ٻين مظلومن جهڙوڪ سنڌي، بلوچ قومن جي اهڙي تاريخي ۽ قومي حيثيت قبول ڪرڻ لاءِ کين مجبور ٿيڻو پوندو. مٿي ذڪر ڪيل حقيقت تہ اٿين آهي ئي آهي جنهن لاءِ رڳو بينظير صاحبہ نہ پر ڪيترائي پاڪستان ۽

هندستان وارا ماڻهو بينظير صاحب وارو ساڳيو موقف رکن ٿا. هاڻي جڏهن هڪ طرف حق خودارادیت وارو زور آهي ٻئي طرف ان مان اهڙو ئي پنهنجي پسند جو مطالبو بيان ڪيو وڃي ٿو. تڏهن اسان طرفان اٿاريل اهي خدشا حقيقت واري روپ ۾ نمايان ٿيندي نظر اچن ٿا ته حق خودارادیت واري اصطلاح کي حرفت باز ڏريون مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان پنهنجي پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪنديون رهن ٿيون. اهڙي ئي خدشي جي مدنظر ان اصطلاح کي مروج ڪرائيندڙ ڪامريڊ لينن حق خودارادیت سان بمع حق علحدگي شامل ڪرايو هو. غور ڪري ڏسبو ته اهو ئي ڪشميرين وارو ٽرڊ آپشن آهي. جيڪو سواليه نشان بڻيل آهي. اهي شخص جيڪي ڪشميرين جي ٽرڊ آپشن جي ته وڏي واڪ ڳالهه ڪن ٿا ۽ ان حق جي مخالفت ڪندڙن تي طنز به ڪن ٿا پر جڏهن پاڻ کي چنجين ٿو ته حق خودارادیت سان بمع حق علحدگي چو نه ٿا لکو ۽ چئو ته پوءِ چيو ٿو وڃي ته ان جي ڪائي ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه حق خودارادیت واري اصطلاح ۾ خود به خود سمايل آهي. اهڙي جواب ملڻ تي مجبور ٿي چوڻو پوي ٿو ته: "لينن کي اها خبر ڪا نه هئي. يا اهو ايترو ناسمجهه هو ڇا؟ لينن جي مطالعي مان ظاهر ٿيو وڃي ته پاڻ به حق خودارادیت واري حق کي مختلف جاين تي مختلف انداز ۾ پيش ڪيو اٿس پر پوءِ به اها حقيقت آهي ته آخري عمر ۾ لينن اهي جملا شامل ئي ان ڪري ڪرايا هيا ته متان اڳتي هلي حق خودارادیت جي هر ڪو پنهنجي مطلب واري معني بيان ڪرڻ نه شروع ڪري ڏئي. پر تعجب جي ڳالهه آهي جو پاڪستان جا ڪيترائي ترقي پسند. روشن خيال سياستدان ۽ مدبر به ڪشمير جي خودارادیت واري حق جي سلسلي ۾ ته ڳالهه ڪندا آهن پر ڪشمير جي مڪمل آزاديءَ واري تصور جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ. اهي به اها ڳالهه مبهم انداز ۾ ڪندا پئي رهيا آهن.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال مان هيٺيان نڪتا واضح ٿين ٿا:

(1) جيڪي ماڻهو اهو چون ٿا تہ حق خوداراديت ملڻ گهرجي، اهو ايئن گهرڻ سان پاڻهي ملي ڪو نہ ويندو آهي، پر ٻن ڌرين وچ ۾ اختلافن جي نقصانڪار پاسن کي نظر ۾ رکندي، عالمي قوتون مداخلت ڪنديون آهن هونئن ڪا بہ ٻاهرين قوت، ڪنهن ٻئي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ناهي ڪندي. ڪا بہ خوداراديت واري حق جي تقاضا ڪندڙ قوم، پهريان پنهنجو پاڻ کي ڌار ڌار ثابت تہ ڪرائي. خوداراديت وارو حق ڪا خيرات تہ ناهي، جيڪا گهرڻ سان ملي وڃي. جيسيتائين ڪشميرين جو سوال آهي تہ اهو معاملو جواهر لال نهرو عالمي اداري ۾ کڻي ويو هو. اقوام متحده اهو اصول قبول بہ ڪيو پر اصل معاملو تہ ان تي عمل ڪرائڻ جو آهي، اهو ڪيئن ٿئي ۽ ڪير ڪرائي.

(2) ڪشميري پهرئين ڏينهن کان وٺي جدوجهد جا ٻئي طريقا استعمال ڪري رهيا آهن.

(3) ڪشميرين کي اهو فائدو آهي جو هندستان جي آئين ۾ اڳ ئي اها شق شامل ٿيل آهي تہ ڪشمير کان ٻاهريون ڪشمير ۾ جائداد خريد ڪري نہ ٿو سگهي جنهن جو صاف مطلب آهي تہ ڌاري آبادڪاري کان بہ آجا آهن. پر پوءِ بہ سندن مقصد پورو نہ ٿو ٿئي.[1]

[1] آگسٽ 2019ع ۾ هندستان سرڪار قانون پاس ڪري اها شق بہ ختم ڪري ڇڏي آهي.

# ڪئٽالونيا:
# اسپين کان آزادي، جو خواهان

خوداراديت واري حق جي نالي ۾ حوالي سان وقت بوقت بحث ٿيندا پئي رهيا آهن. هونئن تہ خوداراديت واري حق جو استعمال مختلف ملڪن اندر مقامي صورتحال جي مدنظر هرملڪ جي مخصوص حالتن جي حوالي سان ڌار ڌار پئي ٿيو آهي. جنهن جا ڪيئي مثال موجود آهن پر پاڻ وٽ محدود معلومات هئڻ ڪري، هتي ان اصطلاح کي هڪ قوم جي ٻي قوم کان آزادي حاصل ڪرڻ واري مقصد طور پڻ (وقت ضرورت) استعمال پئي ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ سنڌ جي قومي رهبر مختلف تجربا ڪندي، قوم جي آزاديءَ لاءِ جنهن اصطلاح کان قوم کي روشناس ڪرايو ۽ اهو پروگرام گهر گهر پهچايو ان جي رد ڏيڻ ۽ نفي ڪرڻ لاءِ اڪثر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ خوداراديت واري حق جي بنياد تي ٿيل رفريڊم جا حوالا ڏنا پئي ويا آهن. جن ۾ مقامي صورتحال واري تجزيي ڪرڻ ۽ ذڪر ڪيل ملڪن جي معروضي حالتن کي نظر ۾ رکڻ کانسواءِ پنهنجي من پسند مفروضن کي واقعياتي انداز ۾ بيان ڪيو پئي ويو آهي. اهڙو ئي مثال تازو حق خوداراديت واري حوالي سان رفريڊم ڪرائي آزاديءَ لاءِ واضح راءِ ڏيندڙ فرانس کان ڌار ٿيڻ جي خواهشمند ڪئٽالونيا وارن جو آهي. انهن رفريڊم ڇا ڪرايو هتي وارن قوم پرست نما ڪميونسٽن کي ان حوالي سان پنهنجي منفرد پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ ڄڻ وڏو حوالو ملي ويو. اهڙي ريت اڳ پٺ ڏسڻ کانسواءِ واويلائي انداز ۾ رفرينڊم بابت حوالا ڏيڻ ۾ شروع ٿي ويا! حالتن ۽ حقيقتن جي پرک

ڪانسواءِ سنڌ سان ان حواليءَ ڪي لاڳو ڪري ڪئي مونجهارا پيدا ڪيا وڃن ٿا. انڪري اڇو تہ رفريڊم ڪرائيندڙ ان قوم جي پس منظر ۽ پيش منظر سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ڇاڪاڻ تہ ان جي پرکڻ ۽ سمجهڻ کان سواءِ ان حواليءَ ڪي هتان جي حالتن سان لاڳو ڪرڻ جي دعوي ڪرڻ ائين آهي، جيئن گرميءَ کان بچڻ لاءِ شگر واري ڪي شربت پيارڻ!

اسپين جي اترئين حصي ۾ واقع ڪئٽالونيا 75 لک آباديءَ وارو شاهوڪار علائقو آهي. جنهن کي پنهنجي زبان ۽ سگهاري ثقافت پڻ آهي. اسپين جي آئين ۾ ڪئٽالونيا کي خودمختياري مليل آهي پر ان کي خودمختيار رياست واري خود اختياري حاصل ڪونهي. بهترين زرعي زمينون ۽ صنعتون هن ايراضي ۾ آهن انڪري سنڌ وانگر هتان جي عوام کي اها ئي شڪايت آهي تہ وسيلن سان مالامال ڪئٽالونيا جي آمدني مرڪز جي ناليءَ ۾ وهي جي حواليءَ آهي. ڪين ناٽي توڙي نوڪرين واري ورڇ ۾ جائز حق ڪو نہ ٿا ملن. ڪئٽالونيا وارو علائقو جنهن کي پيرنيس جابلو سلسلو فرانس جي علائقن کان ڌار ڪري ٿو اهو دراصل آراگون جي بادشاهہ فرڊيننڊ ۽ ڪيسٽائيل جي راڻي ازابيلا جي شاديءَ ٿيڻ ڪري اسپين سان ڳنڍيو ويو هو.

قومن جي غلامانہ ماحول ۾ ٻولي ۽ ثقافت جو زندهہ رهڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ قوم جي جياپي ۽ جدوجهد جو هڪ جذبا جاڳائيندڙ اهم اهڃاڻ پئي رهيو آهي. اوڻويهين صديءَ ۾ ڪئٽالين قوم پنهنجو پاڻ لاءِ خطرو محسوس ڪندي قوم پرستيءَ واري جذبي هيٺ ڪئٽالين ٻولي ۽ ثقافت کي جيارڻ واري حواليءَ سان جدوجهد جي شروعات ڪئي، ائين جيئن برصغير جي ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۽ اوڀر بنگال پنهنجي ٻولي ۽ ثقافتي مورچي تان دفاعي جدوجهد جي شروعات ڪئي هئي.

ڪئٽالونيا جي اها ٻولي ۽ ثقافت واري تحريڪ مختلف دورن مان گذرندي آزاديءَ واري مطالبي تائين پهتي.

اسپين ۾ 1923ع واري آيل فوجي بغاوت ڪري اتان جا قوم پرست جلاوطن ٿي ويا ۽ انهن ڪيوبا ۾ ٻاهر رهندي، 1928ع ۾ جمهوريہ

ڪئٽالونيا جو اعلان ڪري، ان جي عبوري آئين جو مسودو جاري ڪيو. اها جهڙوڪر سندن جلاوطن حڪومت ٺاهڻ جي شروعات هئي، سندن ان همٿ ڀريي قدم جو نتيجو اهو نڪتو تہ 1931ع ۾ جڏهن اسپين عوامي جمهوري رياست جو درجو حاصل ڪيو تہ انهن چونڊن ۾ ڪئٽالونيائي قوم پرستن جو اتحاد اڪثريت سان کٽي آيو. انڪري ڪئٽالينا کي وڏيڪ خودمختياري حاصل ٿي. ايئن جيئن اميد ڪئي ٿي ويئي تہ 1970ع واري حادثي ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ڇائي ذوالفقار علي ڀٽي جي صدر هئڻ ڪري، سنڌ کي وڏيڪ خودمختياري ملندي پر ايئن ٿي ڪ ن نہ سگهيو. ويتر سنڌ جي قومي تحريڪ کي زورائتي نموني ختم ڪرڻ واريون ڪوششون ڪيون ويون.

هوڏانهن جنرل فرانڪو جي آمراڻي دور ۾ تہ ڪئٽالونيا جي قوم پرستن کي ڪچلڻ لاءِ وسان ڪو نہ گهٽايو ويو. ايتري قدر جو سنڌ وانگر ڪئٽالونيا جي ٻولي ۽ ثقافتي سرگرمين تي بہ پابنديون هنيون ويون.

ڪئٽالونيائي قوم وڏيڪ باشعور، سمجهندار ۽ باصلاحيت هئڻ ڪري فرانڪو جي مرڻ بعد اسپين ۾ آيل جمهوريت جي بحاليءَ واري عمل مان فائدو وٺندي، انهن مقامي حڪومت ٺاهڻ، مقامي انتظاميہ ۽ پارليامينٽ جوڙڻ جهڙا حق حاصل ڪري ورتا. اهڙي ريت هن غلام قوم کي آزاديءَ وارو رستو نمودار ٿيندي نظر آيو. هاڻ هڪ طرف هيٺ کان مٿي تائين عوام جا مسئلا حل ڪرڻ، عدل ۽ انصاف روا رکڻ ۽ عوام جي دلين ۾ جاءِ پيدا ڪرڻ وارا سڀ وسيلا کين ميسر هئا، تہ ٻئي طرف اسپين وقت بوقت بدترين اقتصادي بحرانن جوشڪار ٿيڻ ڪري، ڪئٽالونيائي قوم جي وسيلن ۽ ذريعن جي ساڳي طرح ڦرلٽ برقرار رکي. اهڙي صورت حال ۾ ڪئٽالونيائي قوم اسپين کان ڌار ٿيڻ واري رجحان کي پرچار ذريعي زور وٺايو. اهڙي ماحول مان فائدو وٺندي، انهن قوم جي وسيع طبقي ۾ آزاديءَ وارو روح ڦوڪڻ لاءِ، قومي آزاديءَ واري آواز کي وڏيڪ سگهاري نموني گهر گهر پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اهڙي ريت آزاديءَ لاءِ واضح طور سالن جي ڪيل گهڻ طبقاتي طويل جدوجهد وارن ڪوشش سان ڪئٽالونيا جا قوم پرست پنهنجي قوم کي آزاديءَ لاءِ تيار ڪندا رهيا. تجرباتي طور ۽ آزمائش خاطر مختلف وقتن تي انهن خودراديت واري حق کي آزمائڻ لاءِ خودرو نمونے رفريڊم پڻ ڪرائي ڏنو. سندن جدوجهد واري سنجيدگي ۽ احتياط جوان ڳالهه مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته پهرين آڪٽوبر واري رفريڊم لاءِ به انهن سرڪاري طور تي باضابطه اپيل ڪا نه ڪئي پر قوم کي آزمائڻ لاءِ خودرو نموني اهو رفريڊم غير سرڪاري طور ڪرايو ويو.

ان ڪان اڳ انهن اسپين خلاف نفرت پيدا ڪرائي، مرڪزيت ڪان ڌڪار پيدا ڪرائڻ جهڙا ڪيئي ڪارناما سرانجام ڏنا. نتيجي طور رفريڊم ۾ ڪين عوام تمام وڏي اڪثريت سان موٽ ڏني پر مرڪزي حڪومت ويڙهايو ۽ راڄ ڪيو وارو ماحول پيدا ڪرائي، چاڙتن هٿان ملڪ اندر قوم پرستن خلاف ۽ اسپين سان گڏ رهڻ جي حق ۾ مظاهرا ڪرائڻ جي شروعات ڪري ڏني. ٻئي طرف ڪئٽالونيا ۾ قابض حڪمرانن مڪامي حڪومت جو خاتمو آڻي، گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو. ٽئين طرف يورپي يونين سوڌو دنيا جون وڏيون طاقتون پنهنجي پنهنجي مفادن جي مدنظر ڪئٽالونينا جي خودراديت واري حق کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

ڪيٽالونينا جي جدوجهد مان هيٺيان نقطا واضح ٿين ٿا.

1) ڪئٽالونينا وارا اٽڪل هڪ هزار سالن کان پنهنجي ڌار سڃاڻپ سان زنده رهيا آهن.

2) ارڙهين صديءَ کان انهن ۾ پنهنجي ڌار ملڪ تي رهڻ وارو جذبو جاڳندو رهيو.

3) وقت بوقت مليل خود حڪومت (Self Government) واري حق جو فائدو وٺندي، انهن هيٺين سطح کان وٺي عوام ۾ آزاديءَ واري جذبي کي جاڳايو ۽ بار بار آزادي ماڻڻ وارو

ورجاءِ ڪنديون، ان جذبي کي عوام جي اندر مان مرڻ ڪو نہ ڏنو.

4) ڪئٽالونيا واري جدوجهد رڳو عدم تشدد جي بنياد تي اڳتي ڪاڻ وڌي پر 1970ع ۾ ’سوشلسٽ نيشنل پارٽيءَ‘ ۾ اختلافن ٿيڻ ڪري، جيڪي مختلف گروپ ٿيا، انهن مان ڪن هٿيار بند جدوجهد وارو رستو پڻ اختيار ڪيو.

5) اتان جي قوم پرستن ايترو تہ هيٺين سطح تائين آزاديءَ لاءِ ڪم ڪيو جو سندن اپيل ڪرڻ تي وقت ضرورت، لکن جي تعداد ۾ عوام روڊن رستن تي نڪري پئي پيو.

6) ڪئٽالونيا جي کاٻي ڌر وارن (ڪميونسٽ) لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي پنهنجي قوم جي قومپرستن سان بيٺا آهن، جڏهن تہ سندن اسپين وارا کاٻا اڳواڻ سرڪاري ڌر سان بيٺا آهن. پر سنڌ جي صورتحال ڪجھہ عجيب آهي، هتان وارا کاٻا نہ رڳو سچي جدوجهد ۾ قومي تحريڪ جا مخالف پئي رهيا آهن پر انهن قومي تحريڪ ۾ پنهنجا هٿ ٺوڪيا اتحادي بہ پيدا ڪري ورتا آهن جن وقت بوقت قومي تحريڪ کي پئي نقصان پهچايو آهي.

7) 1977ع ۾ ڪئٽالونيا طرفان ڪيل جدوجهد جي نتيجي ۾ کين خودمختياري حاصل ٿي ۽ ان خودمختيار ۽ بااختيار حيثيت ۾ سيپٽمبر 2014ع تائين هو پنهنجا پاڻ حڪمران هئا. ان آزاد صوبائي حيثيت جو فائدو وٺي، 2009ع ۽ 2011ع جي وچ ۾ انهن ڳوٺ ڳوٺ ۾ آزاديءَ جو آواز پکيڙيندي نہ رڳو پرچار ڪئي پر آزمائش خاطر ان سوال تي پاڻو چاڻ رفرنڊم بہ ڪرايو.

8) ان کان علاوه اسپين کان آزادي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڳواٽڻ ڪئٽالونيائي قوم کي تربيت ڏيڻ واري مقصد سان مختلف وقتن تي ڪي آزمائشي تجربا پڻ ڪيا مثلاً:

(الف) 2011، 2012 ۾ ڪئٽالونيا تي مڙهيل ڳرين ٽيڪسن خلاف اتان جي اڪثر ميونسپالٽن اتحاد ڪري، ان عمل کان آزاديءَ لاءِ ميونسپالٽن جي ايسوسيئيشن ٺاهي، جنهن ٽيڪس نه ڏيڻ جي ڳالهه ڪندي، قومي حقن لاءِ آزاديءَ جي حد تائين احتجاج ڪري، خودارادیت واري حق جي آواز کي اڳتي وڌايون ۽ عوام جي ذهنن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ وارو رجحان پختو ڪرڻ واري عمل جو ورجاءُ ڪيو.

(ب) 2012ع ۾ ئي اتان جي 197 ڪئٽالونيائي شهرن خود رو طور تي ڪجهه حصي کي آزاد ڪئٽالونيائي علائقو قرار ڏيئي، اسپين جي قانونن مڃڻ کان انڪار ڪيو.

مٿي ذڪر ڪيل سڌن ابتدائي ۽ آزمائشي مرحلا هئا، جن سان اتان جي قوم پرستن آزاديءَ واري سفر کي اڳتي وڌايو. سڌن اها جدوجهد مرحلي وار ئي سهي پر آزادي ماڻڻ واري حوالي سان واضح ۽ نمايان شمار ٿئي ٿي. انهن پنهنجي ڪيل محنت جو نتيجو ڏسڻ ۽ گهربل ڦل وٺڻ واري مقصد سان پنهنجي عوام ۾ ڪيل ڪم جو امتحان وٺڻ ۽ پاڻ کي آزمائڻ لاءِ ڳوٺن ۽ ميونسپالٽين جي سطح تائين آزاد ٿيڻ وار ي نظريي تي خانگي طور رفريڊم ڪرايا. اهڙي ريت درجي بدرجي مختلف تجربا ڪندي جڏهن انهن پنهنجي قوم جي اڪثريت کي آزاديءَ واري حق ۾ ڏٺو تڏهن خودارادیت واري حق جي استعمال جي ڳالهه ڪيائون. ان جي پيٺ ۾ پاڻ وٽ ڇا آهي؟ هتي آزاديءَ جي ڳالهه گهر گهر پهچائڻ نه پري رهيو پر آزاديءَ جي مروج اصطلاحن کان به پري پڄبو نعرن ۽ سڃاڻپ وارين نشانين کان به انڪار ڪبو آبادي جي مقدار ۽

عوام جي ذهني صورتحال کي بہ نظر ۾ نہ رکبو.نہ رڳو ايترو پر جڏهن بہ موقعو ملندو تہ1940ع واري قرارداد جي بنياد تي جدوجهد ڪرڻ جو هوڪو بہ ڏبو رهبو تہ پوءِ قوم ۾ سجاڳي بہ اوتري ئي ايندي. باقي بظاهر ائين چئبو تہ خوداراديت وارو حق ملڻ گهرجي. ۽ ان جو مطلب آهي آزادي وٺڻ! اها ڳالهہ تہ قوم سان مذاق ڪرڻ جي برابر آهي.

ان موڙ تي اها ڳالهہ پڻ غور طلب آهي تہ ڪيٽالونيا واري رفريڊم ۾ نوي سيڪڙو آزاديءَ جي حق ۾ ووٽ تہ برابر پيو پر ووٽن جو 56 سيڪڙو ٽرن آئوٽ آيو. يعنيٰ 44 سيڪڙوعوام ان کان لاتعلق رهيو. انهن ئي پوءِ اسپين جي وحدانيت خاطر مظاهرا ڪرڻ شروع ڪيا.

سنڌ جي صورتحال ۾ غور ڪري ڏسبو تہ ڪٿي 1940ع جي قرارداد ۽ ڪٿي قومن جي آزادي. 1940ع واري قرارداد بابت تہ سڀ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ان قرارداد رستي شامل قومن پنهنجي جداگانہ تشخص تان گڏيل مسلم مفاد لاءِ سريندر (Surrender) ڪري هٿ ڪنيو هو. انڪري هاڻ1940ع جي قرارداد سان "عالمگير حيثيت رکندڙ قومي خوداراديت واري حق" جهڙا جملا ڳنڍڻ سان اها محڪوم قومن لاءِ قابل قبول تي، غلام قومن جي ڇوٽڪاري جو سبب ڪانہ بڻبي. پر جيڪڏهن اها قرارداد ايتري ئي ڪارگر آهي تہ پوءِ ان ۾ سائين جي. ايم. سيد پاران حصي وٺڻ واري حوالي سان سندس غلطي ڪيئن ٿي قرار ڏني وڃي.پر جيڪڏهن اها غلطي هئي تہ پوءِ ان کي هاڻ وري ڪيئن ٿو ورجايو وڃي.

# ڪردستان:
# آزاديءَ جو اڌورو خواب

تاريخ جي ڏکي سفر ۾ وقت جي خطرناڪ وهڪرن ۽ طوفانن سان ٽڪرائجندڙ سنڌي قوم جيان پاڳا پاڳا ٿيل محڪوم ڪُرد قوم سال 2017ع ۾ عراق واري ايراضيءَ اندر دنيا واري مڃيل اصول حقِ خوداراديت جو خوبصورت نمونو استعمال ڪيو، جنهن ۾ ڪين 92 سيڪڙو ڪاميابي حاصل ٿي پر عالمي دنيا ان کي قبول ڪو نه ڪيو. سائين جي ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌوءَ جي ساڃاهه" ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي ته: "دنيا ۾ اڄ هر قوم لاءِ حق خوداراديت جو اصول قبول ڪيل آهي، ان جي حصول لاءِ گڏيل قومن طرفان گهڻيون ڪوششون ٿي رهيون آهن پر طاقتور قومون ننڍين قومن جي خوداختياريءَ جي سوال کي هڪ طرف رکي جيڪڏهن اسان ڏسنداسين ته سياسي مسئلا ته پري رهيا بنيادي انساني حقن جي آزاديءَ جو اصول باوجود گڏيل قومن جي انساني حقن جي چارٽر ۾ داخل هئڻ جي ڪيترن ملڪن ۾ مڃيو نه ٿو وڃي ۽ انساني بنيادي حق به نه ٿا ڏنا وڃن." (سنڌو جي ساڃاهه ص 367)

اظهار راءِ جي آزادي انساني حقن جي حوالي سان مڃيل عالمي اصولن مان هڪ آهي. اها اظهار جي آزادي ئي آهي جيڪا هڪ ڀئي کي سمجهڻ ۽ ڪوڙي ڪري جي پرک ڪري فيصلي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. ان ئي اظهار جي آزاديءَ واري بنيادي انساني حقن جي بنياد تي محڪوم ۽ مجبور قومن حقِ خوداراديت واري اصطلاح جو سهارو ورتو

شروع ڪيو جنهن جي استعمال ۽ قابل قبول هئڻ واري حوالي سان مختلف ملڪن جا ڪيئي مثال موجود آهن. اها به هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ڪو به نظريو ڪو به پروگرام هر ملڪ لاءِ جيئن جو تيئن رائج العمل نه هوندو آهي. هر قوم پنهنجي معروضي حالتن جي روشنيءَ ۾ ان جي استعمال ڪرڻ نه ڪرڻ بابت فيصلو پاڻ ڪيو آهي. دنيا جي انقلابن ۾ ان حوالي سان پڻ ڪيئي مثال موجود آهن. ان ڪري معروضي حالتن کي ڏسڻ ۽ نظر ۾ رکڻ ضروري آهي. ان ڪري لفظي مونجهارن ۽ مفروضن ۾ پوڻ بدران وقت ۽ حالتن جي روشنيءَ ۾ خوداراديت واري حق جهڙي اصطلاح جي استعمال بابت ويچاريو ۽ ڳالهايو وڃي ته بهتر ٿيندو. هتي 2017ع ۾ ڪُرد قوم پاران ڪرايل ريفرينڊم کي سنڌ جي حوالي سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته جيئن سنڌ جي ڪيس کي ان سان لاڳو ڪري پنهنجي قومي نفعي ۽ نقصان جو جائزو وٺي سگهجي.

ڪُردن جي ڪاٿي قومي سڃاڻپ ڪانهي. اڃا تائين اُهي هڪ کان وڌيڪ ملڪن ۾ نسلي اقليت سڏيا وڃن ٿا. ڪُرد وچ اوڀر جو چوٿون نمبر نسلي گروهه شمار ٿين ٿا جيڪي عراق، ايران، شام، ترڪي ۽ آرمينيا ۾ آباد آهن ۽ ڪُل ملائي سندن تعداد ساڍا ٽي ڪروڙ چيو وڃي ٿو. ڪيترين ئي ٻين قومن جيا [illegible] د به مختلف مذهبن سان تعلق رکن ٿا جڏهن ته انهن جي وچ ۾ قومي تشخص برقرار رکڻ واري حوالي سان دنيا جي مڃيل قوم هئڻ وارا جزا جهڙوڪ: ڪُردش ٻولي، تاريخي پس منظر، ڪُرد ثقافت، تاريخي روايتون ۽ اقتصادي وسيلا هڪٻئي سان سلهاڙجڻ طرف راغب ڪري رهيا آهن. قوم هئڻ وارن اهڙن مڃيل بنيادي جزن جي بنياد تي انهن 20 هين صديءَ جي شروعات ۾ ڪُردستان رياست لاءِ جدوجهد جي شروعات ڪئي. پهرين عالمي جنگ کان پوءِ جڏهن عثمانيه سلطنت واري خلافت جو خاتمو ڪيو ويو ۽ برطانيا ۽ فرانس وچ ۾ پنهنجي پنهنجي حلقہ اثر جوڙڻ واري حوالي سان اتي ننڍيون ننڍيون آزاد حڪومتون ٺاهيون ويون ته ان وقت ڪردن جي آزاد ۽ خودمختيار رياست جو ذڪر ڪيو ويو پر ٽن سالن کان پوءِ جڏهن جديد ترڪيءَ

جون سرحدون طئي ڪرڻ لاءِ معاهدو ڪيو ويو تہ ان ۾ ڪُرد رياست جي سرحدن کي واضح ڪرڻ بدران ڪُردن واري ايراضيءَ کي ترڪي، عراق، ايران ۽ شام ملڪن ۾ ورهائي شامل ڪيو ويو جنهن ڪري ڪُرد انهن ملڪن جي نسلي اقليت بڻجي ويا. ان کان پوءِ انهن پنهنجي رياست جي سلسلي ۾ جيڪا بہ ڪوشش ڪئي، تنهن کي مٿي ذڪر ڪيل ملڪ وقت ضرورت (هڪٻئي سان اختلاف) ڪين پنهنجي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪندا رهيا.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال ۾ ڪٽو ڪٽو ٿيل ڪُرد ايندڙ وقت ۾ خطي اندر ڪنهن امڪاني ردوبدل جي آس رکيو پنهنجو وجود بحال رکڻ واري جدوجهد ڪندي، پنهنجو پاڻ کي قوم مڃائڻ ڪارڻ جتن ڪندا پيا رهن.

"پيئي ڪٽي پساهہ پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي."

ڪُرد جيتوڻيڪ مختلف ملڪن ۾ ورهائجي وڃڻ ڪري ظاهر ۾ ڇڙوڇڙ آهن پر اهي جيڪي مختلف مذهبن ۽ فرقن ۾ ورهايل آهن سي قوم هئڻ وارن بنيادن يعني ٻولي، قومي روايتون، ثقافتي قدر ۽ تاريخي پس منظر جا مالڪ هئڻ ڪري، سرحدي حدبندين جي باوجود پنهنجو پاڻ کي هڪٻئي سان لاڳاپيل هڪ قوم تصور ڪندا پئي رهيا آهن. آزاديءَ واري حق لاءِ ترڪيءَ جي 'ڪُردش ورڪرز پارٽي' ويڙهہ جي حد تائين جدوجهد ۾ مصروف عمل پئي رهي آهي جيڪا ڳجهہ ڳوهہ ۾ چئني ملڪن يعني ترڪي، ايران، عراق ۽ شام ۾ پنهنجو اثر رکي ٿي ۽ اها انهن ملڪن ۾ ڪُرد علائقن تي ٻڌل هڪ آزاد سوشلسٽ رياست جي بہ ڳالهہ ڪندي رهي آهي، ان مقصد لاءِ ذڪر ڪيل ملڪن ۾ ان جا ڳجها نڪاٽا پڻ آهن. ايران ۾ 'ڊيموڪريٽڪ پارٽي آف ايرانين ڪردستان' ۽ ٻيا ننڍا ننڍا گروپ خودمختيار رياست لاءِ جدوجهد ۾ مصروف عمل پئي رهيا آهن جڏهن تہ شام ۾ 'پيپلز پروٽيڪشن يونٽس' نالي تنظيم ساڳي مقصد لاءِ شامي سرڪار سان منهن مقابل پئي رهي آهي پر ڇڙوڇڙ هئڻ

ڪري ڪين ڪنهن به ملڪ ۾ نسلي اقليت هئڻ ڪان وڌيڪ ڪائي حيثيت ڪا نه ملي آهي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به قوم لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ جو هئڻ بنيادي ۽ اهم جُز آهي جنهن ڪان ڪُرد محروم ڪيا ويا آهن. پر ڏگهي جدوجهد ڪان پوءِ عراق واري حصي ۾ صوبائي سطح تائين ڪين اهو حق حاصل ٿي سگهيو اهو به تڏهن، جڏهن 1991ع ۾ لڳل نار واري جنگ ۾ آمريڪا ۽ ان جي اتحادين عراق جي اترئين علائقي کي نوفلاءِ زون قرار ڏنو ۽ عراقي فوجن کي اتان نڪرڻو پيو. تڏهن ڪُرد جيڪي ڏگهي عرصي ڪان عراقي حڪمرانن سان ٽڪراءَ ۾ رهندي مهاڏو اٽڪائيندا ۽ قربانيون ڏيندا پئي رهيا، تن پنهنجي منتشر ٿيل فوجي طاقت کي گڏ ڪري ورتو.

ترڪيءَ ۾ صدر رجب اردگان کي هڪ وقت جڏهن بااختيار صدر ٿيڻ واري شوق جي پورائي لاءِ آئين ۾ ترميم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي، تڏهن هن ڪُردس پارٽيءَ ڏانهن پنهنجائپ وارو هٿ وڌايو هو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٿيل مفاهمت جي نتيجي ۾ ڪردن جي جداگانه سڃاڻپ کي قبول ڪيو ويو. نتيجي طور ڪُرد ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ ۽ ريڊيو ٽي وي تي ڪُرد ٻولي کي ٽائيم ملڻ لڳو. ڪُردن کي DHHP پارٽي بنيادن تي اليڪشن وڙهڻ (اڳ صرف آزاد حيثيت ۾ بيهندا هئا) جي اجازت ڏني وئي. تڏهن ڪُرد عوام سالن جي ظلم ۽ محروميءَ جو بدلو ووٽ جي هٿيار سان ورتو ۽ ڪُرد پارٽي گهربل ووٽ حاصل ڪري پارليامينٽ ۾ پهچي وئي. ان صورتحال جي مدنظر مستقبل لاءِ خطرو محسوس ڪندي ترڪي سرڪار ڦيرو کاڌو ۽ ڪُردن خلاف سياسي، سماجي، اقتصادي ناانصافين سان گڏ نئين سر فوجي ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون.

عراق اندر ڪُردن جي عملي جدوجهد 1946ع ڪان هلندڙ هئي، جابلو ايراضي هئڻ ڪري ان جا ايران وارن ڪُردن سان پڻ مضبوط لاڳاپا پئي رهيا آهن ۽ ٻئي حڪومتون پنهنجي ملڪي اختلافن سبب پيدا ٿيل ٽڪراءَ ۾ وقت ضرورت ڪُردن ڪان مدد به وٺنديون رهيون پر پنهنجو ڪم نڪري وڃڻ ۽ بين الاقوامي سطح تي پاڻ ۾ ناهه ٿيڻ جي

صورت ۾ ان جو عتاب بہ ڪُردن تي ئي ڪريو پئي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ملڪن پنهنجي حاڪميت لاءِ ڪين خطرو پئي محسوس ڪيو. ڪُردن کي ڇٽڻ جي سلسلي ۾ ٻنهي ملڪن جا ڪاڀا توڙي ساڃا حڪمران برابر جا شريڪ پئي رهيا آهن.

1972ع ۾ آيل چوٿين فوجي انقلاب جي نتيجي ۾ صدام حسين عراق جو صدر مقرر ٿيو تہ اُن ڪُردن خلاف هٽلر وارا ڪارناما سرانجام ڏيندي، شهرن ۾ قتل عام ڪرائي، ڪين جبلن ڏانهن ڀڄڻ تي مجبور ڪيو ۽ پوءِ انهن مٿان جابلو غارن ۾ زهريلي گئس جي اسپري سان هزارين ڪُرد مارائي ڇڏيا. ترڪي، ايران توڙي شام جي پيٺ ۾ عراق اندر ڪُردن جي وڏيڪ سگهاري جدوجهد آهي جنهن ۾ 1975ع ڌاري 'مسعود برزاني' ۽ 'جلال طلباڻي' ۾ ٿيل اختلافن جي نتيجي ۾ اُهي ٻہ حصا ٿي ويا ۽ نئين جماعت 'پيٽرائڪ يونين آف ڪُردستان' وجود ۾ ڪُرد قوم جي نمائندگي ڪرڻ سان گڏ هڪ ٻئي خلاف پڻ مصروف عمل پئي رهيون، اهي باوجود نظرياتي ۽ تنظيمي اختلافن جي ڪُرد قوم جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪنديون ۽ ماحول هموار ڪنديون رهيون. 1990ع ۾ صدام حسين مغروري ۽ مستيءَ ۾ ڦونڊجي جڏهن پاڙيسري ملڪ مٿان قبضو ڪيو ۽ رد عمل طور آمريڪا صدام کان منهن ڦيري سندس خلاف جنگ شروع ڪري ڏني ۽ عراق مٿان مختلف قسم جون پابنديون لڳايون جن صدام جي چيلهہ ڇپي ڪري وڌي ۽ عراق ظاهري طور ٽن حصن ۾ ورهائجي ويو ان ورهاست ۾ اتر وارو علائقو ڪُردن جي هٿ هيٺ هو ڏکڻ ۾ عرب شيعا ۽ وچ تي عرب سني اڪثريت ۾ هئا. انهن ٽنهي حصن مان اتر ۽ ڏکڻ واري حصي کي نو فلاءِ زون قرار ڏنو ويو جنهن ڪري ڪُرد علائقو عراقي سرڪار جي هوائي حملن واري دٻاءَ کان آجو ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ اُتان جي محب وطن اڳواڻن کي پنهنجي آواز کي اڳتي وڌائڻ جو وڌيڪ موقعو مليو. 2003ع ۾ آمريڪا پاران عراق تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪيل حملي وقت جڏهن ترڪيءَ آمريڪي فوجن کي پنهنجي زمين تان لنگهڻ نہ ڏنو تڏهن ان وچ ايشيا واري طرف کان عراق جي ڪُرد علائقي

مان لنگهڻ واري ضرورت جي مدنظر ڪُردن ڏانهن هٿ وڌايو. ڪُردن آمريڪا کي رستو ڏيڻ سان گڏ صدام حسين جي مڪمل خاتمي واري عمل ۾ هر قسم جو ساٿ ڏنو. اهڙي ريت عراقي ڪُرد پهريون ڀيرو هڪ ڌار ڌُر نظر اچڻ لڳا. ان کان پوءِ 2005ع ۾ عراق جي نهندڙ آئين ۾ عراق کي وفاقي ملڪ قرار ڏنو ويو ته ڪُرد علائقائي خودمختيار حڪومت وجود ۾ آئي، جنهن جو سربراهه مسعود برزاني کي مقرر ڪيو ويو. ان خودمختياريءَ جو فائدو وٺندي انهن ڪُرد عوام ۾ هيٺين سطح تائين قومي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ راهه هموار ڪرڻ واري عمل کي تيز ڪري ڏنو. تجرباتي طور تي هيٺين سطح تي ريفرينڊم ڪرائڻ کان پوءِ 25 سيپٽمبر 2017ع تي دنيا جي مڃيل اصول قومي حقِ خوداراديت جي بنياد تي سڄي صوبي ۾ ريفرينڊم ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. سندن اهڙي اعلان سبب عراق، ترڪي توڙي شام جون ته ننڊون حرام ٿي ويون پر انساني حقن جا هوڪا ڏيندڙ عالمي دنيا وارن کان به اُهي انسانيت واريون ڳالهيون وسري ويون. ترڪي ۽ ايران ڪُردن خلاف گڏيل جدوجهد تي آماده ٿي، ڪنهن امڪاني فوجي ڪارروائي لاءِ گڏيل فوجي مشقون پڻ ڪيون، عراقي حڪومت ڪُردن کي ملنيل آزاديءَ جي مخالفت ڪرڻ لڳي، ان جي باوجود ڪُردن مقرر تاريخ تي آزاديءَ لاءِ ريفرينڊم ڪرايو. جنهن ۾ 93.25سيڪڙو آزاديءَ جي حق ۾ ووٽ وڌا ويا. عوام پاران آزاديءَ لاءِ ڏنل ان راءِ جي عراقي قانون جي حوالي سان ڪائي اهميت ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته نه ته عراقي آئين ۾ ڪنهن حصي کي ڌار ٿيڻ جو آئيني طريقئه ڪار طئي ٿيل آهي، نه وري عالمي اداري جي ڇوڙ تي اهو ريفرينڊم ڪرايو ويو. ان ڪري اهڙي خود رو ڪرايل ريفرينڊم جي صرف اسرائيل ئي حمايت ڪئي جيڪو پاڻ دنيا جي نقشي تي تڪراري ملڪ آهي. شايد ان ڪري ئي عرب ملڪن ته ڪُردستان واري ان ريفرينڊم کي نئين اسرائيل قائم ٿيڻ واري خطري سان تعبير ڪيو ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته ڪيئن نه ڪُردن کي اهڙي ريفرينڊم ڪرائڻ جي سزا طور 12 سال اڳ مليل خودمختياري به ختم ڪري سندن پارليامينٽ ٽوڙي وئي.



2025 21:47

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال ڪي ڏسبو ته سلطنت عثمانيه جي زوال کان پوءِ ڪُردن جي سرزمين کي مختلف ملڪن ۾ ورهايو ويو. اهڙو ئي ساڳيو طريقو سنڌ سان، هڪ نه بلڪ ٻه ڀيرا روا رکيو ويو. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ جڏهن انگريز برصغير خالي ڪيو تڏهن هُن جيئن ته مسلم ليگ کي ئي هندستان جي نمائنده جماعت قبول پئي ڪيو، انکري ورهاڱي بابت مختلف ڌرين (جن ۾ سائين جي ايم سيد به شامل هو) کان رايا وٺڻ جي باوجود اهو ئي ڪيو. جيڪو پنجابي حڪمرانن جي مفاد ۾ هو. جنهن جي نتيجي طور سنڌي آباديءَ جو ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، جيسلمير ۾ رهندڙ وڏو انگ هندستان ڏانهن هليو ويو. وري جڏهن پياري پاڪستان ۾ ون يونٽ ٽوڙيو پئي ويو، تڏهن بااثر شخصيت ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي اليڪشني مفادن خاطر سنڌ وارا علائقا جهڙوڪ: لس ٻيلو، بهاولپور، سبي وارن سنڌ جي قديم حصن تي دعوي داخل نه ڪئي. ياد رهي ته سائين جي ايم سيد سنڌ عوامي محاذ جي پليٽفارم تان اهڙي دعوي داخل ڪئي هئي، جنهن جو ذڪر مولانا خير محمد نظاماڻي اخبار 'ڪاروان' ۾ ڪيو هو. پر سيد جي ڳالهه ڪير ٻڌي!

ڏٺو وڃي ته فلسطيني به غلاميءَ وارين حالتن مان گذري رهيا آهن ۽ ڪُرد به پر ٻنهي ۾ بنيادي ۽ اهم فرق اهو آهي ته فلسطين جي جدا قومي حيثيت کي سڄي دنيا ويندي عالمي اداري سوڌو قبول ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪُردن پاران حقِ خوداراديت واري مڃيل عالمي اصول جي پوئواري ڪرڻ جي باوجود ڪين ڪو به قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. سنڌ سان به ڪُردن واري صورتحال آهي، وقت بوقت ورهائجي ورهائجي هاڻ جيڪا سنڌ وڃي بچي آهي ان جي رهواسين کي قوم هئڻ وارو درجو حاصل ڪونهي. عالمي دنيا ۾ قوم هئڻ واري مڃتا جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اهميت آهي ان جو اندازو جمهوري هندستان جي وزيراعظم، نهرو خاندان جي چشم و چراغ جي هيٺئين مثال مان ملي سگهي ٿو. سائين جي ايم سيد کان جڏهن هندستان جي دوري دوران راجيو گانڌي پڇيو هو ته: "آءُ اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟" تڏهن سيد ڪيس هڪ ئي ڳالهه

چئي هئي تہ: "اوهان سنڌين کي قوم تسليم ڪريو" ان جملي هندستان جهڙي سيڪيولر ملڪ جي وزير اعظم کي چرڪائي خاموش رهڻ تي مجبور ڪري وڌو هو. ان جملي جي اهميت جو سيد جي پارٽي ورڪرن سوڌو ڪنهن کي بہ صحي ادراڪ ڪو نہ هو. جنهن ڪري ڪيتري عرصي تائين ان ملاقات واري حوالي سان مختلف چوپول هلندا رهيا.

ڪُردن جي غلاميءَ واري حيثيت تي نظر وجهڻ سان ان ڳالهہ جي اهميت جو چڱي ريت اندازو ٿي وڃي ٿو تہ ڪُرد جيڪي ڌار ڌار ملڪن ۾ نسلي اقليت طور زندگي گذاري رهيا آهن انهن آزاديءَ جي بنياد تي خودرو ريفرينڊم ڪرايو تہ مختلف مُلڪن جون ننڊون حرام ٿي ويون. ايتري قدر جو عرب ملڪن تہ ان لاءِ نئون اسرائيل قائم ٿيڻ وارو خدشو ظاهر ڪيو. ان خطري جي مدنظر 2 آڪٽوبر 2017ع تي ترڪيءَ جي آرمي چيف ۽ 4 آڪٽوبر 2017ع تي صدر رجب طيب اردگان، ايران جا دورا ڪري ان جي اعليٰ قيادت سان ان ڳالهہ تي گڏيل اتفاق ڪيو تہ: "خطي ۾ ڪا بہ الڳ رياست قبول نہ ڪئي ويندي."

ڪردن جي ڪيل جدوجهد مان هيٺيان نڪتا واضح ٿين ٿا:

1) سنڌ جي سيني سياسي ڌرين کي پنهنجي پنهنجي طور تي، پهرئين نُڪتي طور سنڌين کي قوم قبول ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هن رياست ۾ ڪنهن بہ قوم جي قومي حيثيت قبول ٿيل ڪانهي. قومي وجود ئي اصل سڃاڻپ آهي ۽ قوم جوئي ملڪ ۽ ان جي مفادن سان تعلق هجي ٿو.

2) ڪردن وانگر ڇڙوڇڙ ٿيل سنڌي ماڻهو دنيا ڀر جي جنهن بہ ملڪ ۾ رهن ٿا، انهن کي سماجي، ثقافتي، علمي وادبي حوالي سان ئي سهي، پر هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهڻ ۽ سنڌ جي بنيادي مسئلي کي سمجهڻ ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪرڻ واري ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

# بنگلاديش:
# مشرقي صوبي کان آزاديءَ تائين

اوير پاڪستان مان بنگلاديش ٿيڻ کا چند ڏينهن ۽ مهينن جي ڳالهه ڪانهي، نہ وري پاڪستاني سياست ۾ ٿوري بہ دلچسپي وٺندڙن لاءِ اهو ڪو اچانڪ ٿيل انوکو عمل آهي، جنهن جو هتي ويهي تفصيل بيان ڪجي. سنڌ جيان اتي بہ پنجابي ۽ يوپي جي نام نهاد اشرافيہ بنگالين کي سياسي، ثقافتي، معاشي توڙي انتظامي حوالي سان پٺتي ڌڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي. ورهاڱي کان ڏهن سالن بعد پهريون ۽ بنيادي معاملو بنگالي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ وارو سامهون آيو جنهن حڪمرانن جي نيتن کي وائکو ڪري وڌو. بنگالي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ جن بنگالي نوجوانن احتجاج پئي ڪيا، تن کي مير جعفر جواولاد ۽ هندستان جو ايجنٽ جهڙن لقبن سان نوازيون ويو. گوليون هليون، شهادتون ٿيون. اهڙي ماحول کان پوءِ مارچ 1954 ۾ جيڪي صوبائي چونڊيون ٿيون، تن ۾ اتان جون ٻيون سيئي جماعتون 'جگتو فرنٽ' جي نالي ۾ مسلم ليگ جي خلاف متحده ٿي ويون. نتيجي ۾ اسيمبليءَ جي 273 سيٽن مان 251 سيٽون 'جگتو فرنٽ' حاصل ڪيون. جنهن جي بنياد تي لاچار مجبور ٿي، شير بنگال مولوي فضل الحق کي وزير اعلي طور قبول تہ ڪيو ويو پر اتي صرف هڪ مهيني اندر هڪ فيڪٽريءَ ۾ مقامي ۽ ڌارين مزدورن وچ ۾ ٿيل جهيڙن کي بنياد بنائي، گورنر راڄ لاڳو ڪري ڪيس چلتوڪيو ويو.

اهڙي صورتحال ۾ جڏهن 1956ع وارو آئين متفق طور پاس ڪرائڻ جي ڳوشش ڪئي ويئي تہ ان ۾ سرڪار کي ڪاميابي نصيب نہ ٿي.

ٻنهي اسيمبلين جي چڪتاڻ جي نتيجي ۾ ملڪ جي ٻنهي اسيمبلين ڌار ڌار فيصلا ڪيا. اوپر پاڪستان گڏيل چونڊن ۽ اولهه پاڪستان اسيمبلي ڌار چونڊن واري طريقي ڪار جي منظوري ڏني. ياد رکڻ گهرجي ته مغربي پاڪستان اسيمبليءَ مان سائين جي. ايم. سيد واحد اڳواڻ هو جنهن بنگالين جي ان وقت به لکت ۾ حمايت ڪئي هئي.

ايوب خان فوجي گهمنڊ ۾ پرجي بنگالين کي جانورن سان تشبيهه ڏيندو هو. جڏهن ته بنگالين مٿان ٿيندڙ استحصال تي شيخ مجيب الرحمان جو چيل اهو جملو زبان زد عام تي چڪو هو ته: "مون کي اسلام آباد جي رستن جي ڏامر مان سڻيءَ جي خوشبو ايندي آهي". ياد رهي ته سڻي هڪ خوشبودار ٻوٽو آهي، جنهن مان ٻورين ۽ ٻيو سامان تيار ٿيندو آهي. اهو ٻوٽو بنگال ۾ جججهي تعداد ۾ ٿيندو هو. جنهن مان پاڪستان کي تمام گهڻي آمدني ملندڙ هئي. جڏهن ته ان جو فائدو بنگالين کي نه جي برابر ملندو هو. اهڙي سياسي، سماجي، انتظامي ۽ معاشي نابرابريءَ وارين حالتن شيخ مجيب الرحمان، جيڪو پڪو مسلم ليگي هوندو هو تنهن کي محب وطن بنگالي بنائي ڇڏيو. جنهن ايوب خان جي مقابلي ۾ مس فاطمه جناح کي بنگال ۾ ڀرپور ڪاميابي ڏياري.

بنگالين کي سندن پنهنجي آمدني جهڙوڪ: سڻي، چانهه، مڇي چانور ۽ اعليٰ قسم جي ڪاٺ، جو ڪو به مناسب معاوضو نه ڏنو ويندو هو. پاڪستان سرڪار بنگالين کي ايترو ته پٺ سان لڳايو جو وقت بوقت آيل قدرتي آفتن وقت به سندن گهربل امداد نه ڪئي ويئي. 1965ع واري جنگ ۾ به اوپر محاذ کي اڪيلو ڪيو ويو. عجيب اتفاق ٿيو جو 1965ع تائين حسين شهيد سهروردي، اي. ڪي فضل الحق ۽ خواجه ناظم الدين جهڙا زيرڪ سياستدان لاڏاڻو ڪري ويا، ان ڪري شيخ مجيب الرحمان وڏي قومي اڳواڻ طور ابري آيو ۽ محنت ۽ جدوجهد سان، بنگالي عوام ۾ هر دل عزيز اڳواڻ واري حيثيت ماڻي ورتائين. مجيب الرحمن ملڪي اتحاد کي برقرار رکندي، بنگالي عوام کي قومي حق ڏيارڻ خاطر سڄي ملڪ جا ڪيئي ڀيرا دورا ڪري، عوام ليگ کي منظم ڪيو. هن مغربي

پاڪستان (جنهن تي پنجاب قابض هو) واري هڪ هٽيءَ ڪي نظر ۾ رکندي 1966ع ۾ لاهور ۾ پنهنجو ڇهه نڪاتي پروگرام پيش ڪيو. جنهن تي موراڳو واويلا مچائي وئي. ۽ ساڳي سال سنڌس مٿان اگرتلاسازش ڪيس لاڳو ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌس مٿان لاڳاپيل الزامن بابت ڪرنل داد علي جو چوڻ هو ته:"اهي فوجي ميس ۾ معمول واري مذاق هئا". اوپر پاڪستان وارن ڏانهن ناروا سلوڪ واري عمل ۾ سڀ کان وڏيڪ سون تي سهاڳي وارو ڪم 1970ع واري طوفان وقت ٿيو. جڏهن 150 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان 'پولا' نالي بدترين طوفان آيو جنهن ۾ اڍائي لک ماڻهو مارجي ويا. جنهن تي اولهه پاڪستان ته ڪائي خاص دلچسپي ڪا نه ڏيکاري پر روس ۽ برطانيه سوڌو آمريڪي فلاحي ادارن سنڌن فوري مدد ڪئي.

ذڪر ڪيل پس منظر ۾ ڊسمبر 1970ع جي پهرئين هفتي ۾ ملڪي چونڊون ٿيون. اهڙين حالتن جي روشنيءَ ۾ شيخ مجيب الرحمان ۽ سنڌس عوامي ليگ ڏکهي عرصي کان هر طرح جي نتيجن لاءِ قوم کي تيار ڪندي پئي رهي. شيخ صاحب جن ڇهه نڪاتي پروگرام تي اليڪشن وڙهيو. سائين جي. ايم. سيد کان سواءِ ڪنهن به وڏي سياستدان سنڌس پنيرائي ڪا نه ڪئي. 1970ع واري اليڪشن ۾ عوامي ليگ کي سڄي ملڪ ۾ وڏي اڪثريت حاصل ٿي. ان 162 جنرل سيٽن مان 160 سيٽون حاصل ڪيون. ايڏي نمايان ڪاميابيءَ جي هوندي به بنگالين کي حڪومت ناهڻ جو اختيار نه ڏنو ويو. ان اهم موڙ تي ساڄي توڙي کاٻي ڌر وارن سيني ترقي پسند، روشن خيال، سوشلسٽ سوچ ۽ لبرل خيال ليڊرن مان (سائين جي. ايم. سيد کان سواءِ) ڪنهن به سنڌن ساٿ نه ڏنو. نه رڳو ايترو پر اليڪشن ۾ اڪثريت سان کٽي اچڻ جي باوجود کين جمهوري حق ڏيڻ بجاءِ، انهن مٿان فوج ڪشي ڪئي وئي. مظلوم بنگالين مٿان ٿيندڙ فوج ڪشيءَ ۾ سڌي اڻسڌي طرح سول ۽ فوجي بيوروڪريسي ۽ مفاد پرست سياستدانن ان عمل جا ساٿياري رهيا. ايتري

قدر جو فيض احمد فيض تہ بنگالين جي مدد ڪرڻ تي روس کان مليل اعزاز واپس ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني.

بنگلاديش جي ڪيل جدوجهد مان هيٺيان نڪتا واضح ٿين ٿا:

1) خودارادیت واري حق جو مطلب آهي. پنهنجي خواهش بيان ڪرڻ جو حق هئڻ. انڪري اليڪشن واري عمل رستي ووٽ جو استعمال بہ خودارادیت وارو حق ئي آهي.

2) پنهنجي حق جو استعمال، ڪير ڪهڙي مقصد لاءِ ڪري ٿو اها ڳالهہ پيش ڪندڙن جي اندازِ بيان مان ظاهر ٿيندي آهي. رڳو اهو چوڻ تہ: 'خودارادیت جو حق ملڻ گهرجي'، 'خودارادیت جو حق ڏيو'، جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ مان ڇا مطلب؟ خودارادیت رستو آهي. پر اهو ڇا جو رستو آهي؟ سا ڳالهہ واضح نہ ڪبي. اهڙو انداز مبهم منجهائيندڙ ۽ صحيح دڳ کان ڏور ڪندڙ آهي.

3) شيخ مجيب الرحمان پنهنجي سموري جدوجهد ۾ ڪٿي بہ خودارادیت واري حق جو هوڪو تہ ڪو نہ ڏنو پر جيڪڏهن خودارادیت واري حق جو مطلب راءِ جي آزادي آهي، تہ اهو بنگالين 1954ع واري اليڪشن ۾ بہ استعمال ڪري ڏيکاريو ۽ ان جو حشر بہ ڏٺائون. پوءِ اڳتي هلي 1970ع واري اليڪشن ۾ بہ اهو حق استعمال ڪري ڏٺائون پر ٿيو ڇا، اهو دنيا وارن جي اڳيان آهي.

4) ووٽ جو حق بنيادي انساني حقن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن جي لتاڙ سنڌ جهڙن ڪيترن ئي غلام ملڪن ۾ ٿيندي پئي رهي آهي ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي سائين جي. ايم. سيد واضح طور لکيو تہ: "دنيا ۾ اڄ هر قوم لاءِ حق خودارادیت جو اصول قبول ڪيل آهي، ان جي حصول لاءِ گڏيل قومن طرفان گهڻيون ڪوششون ٿي رهيون آهن. پر طاقتور قومون ننڍن

قومن جي خوداختياري جي سوال کي هڪ طرف رکي، جيڪڏهن اسان ڏسنداسين ته سياسي مسئلا ته پري رهيا پر بنيادي انساني حقن جي آزادي جو اصول باوجود گڏيل قومن جي انساني حقن جي چارٽر ۾ داخل هئڻ جي ڪيترن ملڪن ۾ مڃيو نه ٿو وڃي."

5) هر جماعت ۾ نرم ۽ گرم ڌر وارا ليڊر ۽ اڳواڻ هوندا آهن اهو ساڳيو اصول عوامي ليگ سان پڻ لاڳو ٿئي ٿو. جنهن بابت آمريڪي پروفيسر 'وائن ولڪاڪس' تجزيو ڪيو هيو ته: "عوامي ليگ جي ڪيترن ميمبرن هر وقت اوير پاڪستان جي علي الاعلان آزاديءَ جي ڳالهه ٿي ڪئي، جڏهن ته ٻين جو خيال هو ته جيڪڏهن ٿاهه فائدي بخش نه ٿئي، ته حقيقي خودمختياريءَ جي رستي کان آزاديءَ واري منزل ڏانهن وڌڻ ڏکيو نه هوندو."

اها شيخ مجيب الرحمان جي مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي لاڙن کي ساڻ کڻي هلڻ واري شاندار حڪمت هئي جنهن آخري وقت تائين جماعت کي يڪ آواز ڪري هلايو.

ڪي دوست سنڌ جي قومي تحريڪ جي سفر ۾ مونجهارا پيدا ڪرڻ لاءِ شيخ مجيب الرحمان جي جدوجهد جو ان حوالي سان ذڪر ڪندا آهن ته: "ان جهڙوڪر آزاديءَ لاءِ ڪم ڪيو ئي ڪو نه هو. عوامي ليگ ۾ نرم ۽ گرم ڌر کي گڏي هلائڻ واري مجيب جي ڏاهپ جو مثال پروفيسر 'وائن واڪاڪس' جي حوالي سان مٿي اچي چڪو آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته عوامي ليگ ان سلسلي ۾ هيٺين بنيادن (Roots) کان ڪم ڪندي پئي رهي. هوءَ پنهنجي مقصد ۽ منزل کان غافل ڪو نه هئي اها ٻي ڳالهه آهي ته عالمي دنيا وارن اڳيان ڪهڙي ڳالهه ڪهڙي وقت ڪجي ان سلسلي ۾ شيخ مجيب الرحمان وڏي دوراندیشي ۽ دانائيءَ کان

ڪم ورتو. پر هن پنهنجي عوام سان سياسي حرفت ڪا نہ ڪئي. عوام اڳيان سندس پروگرام عيان هو.

1. ٻوليءَ وارن هنگامن وقت جيڪي ڪجھ بنگالين سان وهيو واپريو، ۽ تنهن بعد جيڪو سندن سان سلوڪ روا رکيو ويو ان جي روشنيءَ ۾ ووٽ واري حق لاءِ جدوجهد ڪندي بہ شيخ مجيب الرحمان مغربي پاڪستان جي ساڃن توڙي ڪاٻن جي چڪر ۾ اچڻ بجاءِ، عوامي ليگ جي ورڪرن جي مدد سان، قوم کي تيار ڪندو ۽ واضح رستو ڏسيندو رهيو. ايتري قدر جو اليڪشن ۾ حاصل ڪيل واضح ڪاميابيءَ کي قبول ڪرڻ بجاءِ، جڏهن قابض قوتن سازباز ڪري ڳجھ ڳوهہ ۾ فوج موڪلي اچانڪ فوج ڪشي شروع ڪري ڏني، تڏهن رڳو ڪيس ريس ڪورس گرائونڊ ۾ انقلاب لاءِ آخري تقرير ڪرڻي پئي هئي، جنهن ۾ صرف ايترو چيو هيائين تہ:

”جنهن بہ بنگاليءَ جي گهر ۾ جيڪو بہ هٿيار آهي اُن سان وطن جي دفاع لاءِ ميدان ۾ نڪري اچي.“

پوءِ سڀ ڪنهن ڏٺو تہ ڪارڙن ڪوجهڙن بنگالين ڇا ڪري ڏيکاريو.

جنهن وقت بہ ڪنهن جو طوق ٿئو.
مون ائين سمجهو جڻ منهنجي گردن حلقي ٿي.
(اياز)

# پڄاڻي

متي ذڪر ڪيل مختلف ملڪن جي مثالن منجهان اندازو ٿي وڃي ٿو تہ خوداراديت واري حق جو استعمال هر ملڪ اندر ان جي مخصوص صورتحال جي مدِ نظر ٿيو آهي پر مجموعي طور خوداراديت واري حق جي مطالبي جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار فڪري پرچار تي نظر اچي ٿو. عوام جي ذهن ۾ جيڪا بہ ڏر جنهن بہ فڪر واري ڳالهہ وڌيڪ سگهاري نموني پکيڙيندي، ۽ جڏهن بہ عوام ان کي قبول ڪري اهميت ڏيندو تڏهن نتيجا بہ اهڙا ايندا (ان لاءِ آباديءَ جو تناسب ۽ ان ۾ ڪنهن کي ووٽ جو حق مليل آهي يا نہ؟ اهو پڻ ذڪر لائق آهي) انڪري اهڙي مطالبي ڪرڻ واري مرحلي تائين پهچڻ لاءِ بنيادي نڪتو عدم تشدد ئي آهي. عدم تشدد يعني قرباني، سهپ، رواداري، عفودرگذر ۽ نظريي جي واضح پرچار ڪندو رهڻ. جن بہ خوداراديت واري حق جي ڳالهہ ڪرڻ وارن ۾ مٿيون صفتون موجود ناهن، اهي پنهنجي ڪيل قول سان سچا نہ آهن، اهي مان (انا - Ego) جي مرض ۾ مبتلا، خود غرض ۽ اناپرست هئڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهن. ڇاڪاڻ تہ تشدد رڳو جسماني ڪو نہ ٿيندو آهي سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ تشدد ذهني آهي. جيڪو فرد پنهنجي ڳالهہ پيش ڪرڻ ۾ رواداري اختيار نہ ٿو ڪري ۽ ٻئي جي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ سهپ جو دامن ڇڏي، عدم برداشت وارو عمل روا رکي ٿو اهو پنهنجي قول ۽ فعل سان سچو ناهي، اهو صرف عوام ۾ تماشو ڪرڻ جو خواهشمند آهي. سيد اهڙي عمل لاءِ ورڪرن کي مخاطب ٿي چيو هو تہ:

”آءُ هن موقعي تي جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي چوڻ چاهيان ٿو ته وڏ ماڻهپي، ليڊري، خسيس مفاد پرستيءَ ۽ گروهه بازيءَ کان بالاتر ٿي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آزادي ۽ بقائي لاءِ پاڻ کي ذرو بنائي ڇڏيو.“ (ڪتاب سنڌ جو آواز 200 ص 111)

سائين جي. ايم. سيد به خودارادیت واري حق کي اهڙي ئي پس منظر ۾ ڏٺو پئي، جنهن جو سڀ کان وڏو مثال سندس اها اپيل آهي، جنهن جو سيد 1989ع ۾ اتر سنڌ جي دوري دوران - تاريخي جلسي ۾ اظهار ڪيو هو. سيد جي اتر سنڌ واري ان تاريخي سفر جي افاديت کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري ڪارندن سان گڏ سيد جي نادان پوئلڳن جڏهن بي تهاشا فائرنگ ڪري ماحول کي خراب پئي ڪيو. تڏهن سيد جلسي ۾ تقرير ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. چاچي حفيظ قريشي جي منٿن ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پاڻ راضي ٿيو هو تڏهن ان تماشي تي چوهه چنبيندي تاريخي جملا چيا هيائين ته: ”صرف سنڌي قوم گڏ ٿي آزاديءَ جي گهر ڪري، ته اسان کي هڪ گولي هلائڻ جي به ضرورت نه پوندي، بنا گولي هلائڻ جي آزادي وٺنداسين.“ (سيد جو سفر، 2007ع، ص 111)

سيد اهو مرحلو ڪيئن طئه ڪري ها؟ ان ڳالهه جو اندازو خودارادیت واري حق جي بنياد تي رفريبڊم ڪرائڻ واري عمل مان ٿي وڃي ٿو. پر سيد اهڙي ڳالهه ڪا نه ڪئي. ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته قوم ورهائي پيئي آهي، ان ۾ آزادي حاصل ڪرڻ واري پرچار اڃان ان حد تائين ڪانهي ٿي، جيڪا قوم کي آزادي لاءِ يڪ آواز ڪري نتيجا ڏئي سگهي. جيتوڻيڪ ان دور جو وڏو جيالو گل محمد جگراڻي جيڪو هاڻ ڪيتري عرصي کان پ پ پ جي پنيان نرڙ گسائي رهيو آهي. ان سفر جي شروعات ۾ ئي، سکر واري جلسي ۾ ڪيل تقرير دوران اهڙي نوعيت واري رفريبڊم جو ذڪر ڪندي چئي چڪو هو ته:

”اڄ سائينءَ جي موجودگي ۾ پاڪستان کي طلاق آهي اڄ رفريبڊم ٿي چڪو سنڌ جو ماڻهو جي. ايم. سيد سان گڏ آهي، سن واري سائين سان گڏ آهي، سائين، رفرنبڊم ڪرايو سنڌ جا ماڻهو اوهان سان گڏ آهن،

هي انسانن جو سمنڊ اوهان سان گڏ آهي.“ (ڪتاب سيد جو سفر، 2007ع. ص 39)

ستم ظريفي تہ ڏسو اهو گل محمد جکراڻي جيڪو سنڌ جي عوام بابت سيد سان گڏ هئڻ جا هوڪا ڏئي رهيو هو. اهو سيد جي وفات بعد پاڻ ئي ان آزاديءَ واري سٽ ۾ نہ رهيو. سيد جي ان تاريخي سفر ۾ برابر هزارن جي تعداد ۾ عوام جلسي گاهن کان سواءِ روڊن رستن تي ميڙاڪا ڪيو بيٺو هو پر جڏهن بہ سائين جي. ايم. سيد سان ان حوالي سان ڳالهہ ڪيئي هئي، تڏهن پاڻ چوندو هو تہ: ”اهو سڀ تماشو آهي، سجاڳي ايجا ناهي آئي. جيستائين آزاديءَ لاءِ عوام تيار نہ ٿيو آهي، تيستائين مقصد حاصل نہ ٿيندو.“

سيد جي وفات کانپوءِ جيئي سنڌ محاذ ۾ جيڪو بحران آيو ان جو تفصيلي داستان تہ ڊگهو آهي. ان جي بيان ڪرڻ جو هيءَ وقت ڪونهي. پر جائزي خاطر ان جي ابتدا اتان ڪجي ٿي تہ ان بحران ۾ جيڪو جيئي سنڌ محاذ بچيو ان جي چيئرمين جي اها دعوي هئي تہ هو ئي سيد جي فڪر لاءِ حقيقي جدوجهد ڪندو. ان کانپوءِ جدوجهد دوران جيڪي ڳالهيون سامهون آيون. انهن وڏا رنگ ڪيا. ڊگهي عرصي تائين جماعت جي اندر ان ڳالهہ تي بحث هلندو رهيو تہ جماعت سيد جي ڏسيل واٽ تي ڪيتري قدر عمل ڪري ٿي. جڏهن آئيني تقاضا موجب جي. ايم. سيد جو فڪر رهبر آهي تہ ان صورت ۾ اهو واضح ٿيڻ گهرجي تہ سيد جو فڪر ڪهڙو آهي. سيد جو فڪر جيتوڻيڪ سندس ڪتابن ۾ واضح طور لکيو پيو هو پر پوءِ بہ ڪن ڏرين پاران هٿ وٺي ان ڳالهہ کي مشڪوڪ بنائڻ لاءِ چيو ويو تہ سيد جو فڪر آهي ڪهڙو؟ اهڙي ريت اصل مقصد لاءِ عوام کي منظم ڪري، جدوجهد ڪرڻ طرف وڌڻ بجاءِ، هٿ جي پيدا ڪرايل فڪري اختلافن کي هوا ڏياري ويئي ۽ وقتي چيئرمين صاحب سيد جي جدوجهد مان پنهنجي خواهش وارا خيال سيد جي فڪر طور بيان ڪرڻ شروع ڪيا.

سيد پنهنجي جدوجهد دوران سدائين صالح ٽيڙ ۾ مقصد واري ڳالهه کي عوام جي ذهنن ۾ وهارڻ واري خيال سان پرچار ڪندو رهڻ جي تلقين ڪندو رهندو هو. پر سيد جي لاڏاڻي بعد فڪري مونجهارا پيدا ڪرائي آهستہ آهستہ ڪري سيد واري فڪر جي جاءِ تي. خودراديت واري حق کي پيش ڪيو ويو. پر پوءِ ان ڳالهہ اتي بہ دنگ ڪو نہ ڪيو. آخر ڪار 1940ع واري قرارداد کي قبول ڪرڻ واري حوالي سان اظهار ٽيڙ لڳو آهي اجا ڏسجي تہ اڳتي ڇا ٿو ٿئي.

هو وڃ هوشيار خبردار ترڪڻ آهي تڙ ۾ الا.
(شاهہ)

حق خوداراديت واري اصطلاح جي پنهنجي مطلب واري معني بيان ڪرڻ واري بيماري پکيڙڻ لاءِ هر معاملي ۾ ان جو زوريءَ ذڪر ڪرڻ ضروري تصور ڪيو ويو. مثال طور چيو ويو تہ سنڌ جي بمبئي کان آزادي حق خودراديت جي بنياد تي ٿي هئي. جڏهن تہ اهڙو خيال پيش ڪندڙ سنڌ جي بمبئي کان آزادي واري جدوجهد ڪندڙ اڳواڻن تي اها بہ تنقيد ڪندا رهيا آهن تہ انهن غلطي ڪري ان وقت سنڌ جي صوبائي بحاليءَ بجاءِ آزاديءَ جو ذڪر ڇو ڪو نہ ڪيو؟ اهو ڌار بحث آهي تہ ان وقت واري سماجي بيهڪ ۽ سياسي صورتحال ۾ آزاديءَ جي ڳالهہ ٿي بہ سگهي پئي يا نہ؟. پر جيڪڏهن بقول سندن حق خوداراديت ۾ آزاديءَ واري ڳالهہ سمايل آهي تہ پوءِ انهن اڳواڻن لاءِ اهو ڪيئن ٿو چيو وڃي تہ آزاديءَ واري ڳالهہ ڇو نہ ڪئي؟.

1940ع واري قرارداد لاءِ بہ چيو وڃي ٿو تہ ان ۾ حق خوداراديت مليل آهي. برابر ان ۾ شامل ٿيندڙ قومن کي برابريءَ جي بنياد تي گڏجڻ وارو حق تہ حاصل هو (سو بہ رڳو ڪاغذن ۾) پر ان جو مقصد ڪنهن بہ صورت ۾ آزاد ملڪ وارو ڪو نہ هو. حقيقت ۾ جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ 1940ع واري قرارداد ۾ تہ قديم تاريخي قومن ان وقت واري ضرورت جي



2-Jan-2025, 21:47

مدنظر پاڻ پنهنجي آزاد قوم هئڻ واري حق تان هٿ کڻي پنهنجي جداگانہ مفادن کي سرينڊر Surrender ڪيو هو.

مٿي مختلف اهڙن قومن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن حقِ خودارادیت واري منزل تائين پهچڻ ۾ مختلف حوالن سان ڪيئي ڪشالا ڪڍيا آهن جن جو تعلق سندن سياسي، سماجي حالتن ۽ جاگرافيائي بيهڪ سان آهي، انهن مان اڪثر قومن جدوجهد دوران مختلف مرحلن تي، عدم تشدد ۽ پرتشدد ٻئي طريقا استعمال ڪيا آهن، جن جي استعمال جو دارومدار بہ انهن ملڪن جي پنهنجي پنهنجي مخصوص صورتحال تي رهيو آهي.

ان ڪري اهو چوڻ تہ جدوجهد جا صرف ٻہ طريقا آهن هڪڙو تشدد وارو ۽ ٻيو عدم تشدد وارو اسان تہ حق خودارادیت جي صورت ۾ جدوجهد جو عدم تشدد وارو رستو ڏسيو آهي، پلي ٻيو بہ ڪو جدوجهد جو رستو ڏسي. اهو معاملي کي منجهائڻ ۽ عوامي قوت جڙڻ واري راهہ ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ جن ملڪن جا حوالا ڏنا ويا آهن تا، انهن بہ پنهنجي پنهنجي حالتن جي روشنيءَ ۾ مختلف وقتن تي ٻئي طريقا استعمال ڪيا آهن. اهو هڪڙو مڃيل عالمي اصول بہ آهي ۽ جيئي سنڌ محاذ جي آئين ۾ بہ لکيو پيو آهي تہ: "وقت ۽ حالتن جي روشنيءَ ۾ جدوجهد جا سڀئي طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا." پر پوءِ بہ اهڙي ريت ليڪو ڪڍڻ واري رويي تي بضد رهڻ ۽ هوا ڏيڻ مان ڇا مطلب آهي؟.

مٿي ذڪر تي آيل ملڪ، جن مختلف وقتن تي جدوجهد جا ٻئي طريقا استعمال ڪندي قومي حق خودارادیت وارو حق پڻ استعمال ڪيو انهن سڀني ۾ هڪڙي ڳالهہ واضح ۽ نمايان آهي تہ انهن پنهنجي عوام ۾ قومي بنيادن تي پنهنجي آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ وارو جذبو وقت بوقت نہ رڳو زندهہ رکيو پر ان کي زميني حقيقتن جي روشنيءَ ۾ عوام ۾ اپاري پڪو ۽ پختو ڪندا رهيا. اهو عوامي قوت وارو هٿيار ئي آهي جيڪو تشدد توڙي عدم تشدد وارن مختلف مرحلن ۾ سدائين سگهارو پئي رهيو

آهي. جنهن مختلف مرحلا طئہ ڪندي، ڪن ملڪن ۾ ڪاميابي ماڻي ورتي آهي تہ ڪن هنڌن تي سندن آزاديءَ وارو سفر جاري آهي جيڪو ضرور ڪاميابي ماڻيندو.

آجيون ٿينديون ساريون قومون، ٽڪيون توڙي هاريون قومون.
پوريون توڙي ڪاريون قومون، سوريون جن سينگاريون قومون.
(مجيدي)

پاڻ وٽ اهو حال آهي، جو گهُرَ تہ ڪئي ٿي وڃي تہ: "پاڪستان جي رياست بابت سنڌي قوم ڪان نئين سر فيصلو ورتو وڃي، سنڌي ماڻهن کي اختيار ڏنو وڃي تہ اهي پنهنجي آزاد راءِ سان پنهنجي سياسي حيثيت جو تعين ڪن ۽ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي رستي جو تعين ڪن." (سنڌ ۽ قومي حق خوداراديت ص 22). پر جڏهن ڪوئي فيصلي ڪُن مرحلو اچي ٿو تہ اتي 1940ع واري قرارداد جي قبوليت تي زور ڏنو وڃي ٿو. 1940ع واري قرارداد جنهن ۾ شامل قومن جي خود مختياري جي ڳالهہ برابر مجيل آهي پر اها ڪنهن ملڪ جي آزاديءَ جو نعمل البدل ناهي، پر هتي سيد واري فڪر جي متبادل طور 1940ع واري قرارداد جي قبوليت تي زور ڏنو پيو وڃي. ان ڳالهہ جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ رسالي وينجهار جي ادارتي نوٽ جو حوالو ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو.

اهو جو چيو وڃي ٿو تہ: "1940ع واري قرارداد ۾ قومن کي خود مختياري Autonomy جو اختيار مليل آهي. ان ڳالهہ کي نظر رکندي سائين جي. ايم. سيد جي چاليهي واري موقعي تي جيئي سنڌ جي مختلف گروپن ۾ " ل انضمام جي نتيجي ۾ جڙيل جيئي سنڌ قومي محاذ جي سربراهہ محترم عبدالواحد آريسر 'ڊان' اخبار جي رپورٽر کي انٽرويو ڏيندي اظهار ڪيو هو تہ:

"انضمام جو فيصلو سائين جي. ايم. سيد جي خودمختياري جي مشن کي جاري رکڻ لاءِ ڪيو ويو آهي."



-Jan-2025, 21:47

انهن چيل جملن تي خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي، جماعت اسلامي جي رسالي "ويجهار" پنهنجي اداريي ۾ لکيو هو: "جيڪڏهن ڊان جي رپورٽر عبدالواحد آريسر جي چيل ڳالهه کي احتياط سان رپورٽ ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڪا غلطي ناهي ڪئي ته پوءِ Independence آزادي بدران خودمختياري Autonomy جو استعمال ڪرڻ مثبت پهلو آهي. جاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ ۾ صوبي لاءِ وڌ ۾ وڌ خودمختياري لاءِ تحريڪ هلائڻ ۽ ان مشن کي جاري رکڻ قومي سياست آهي. (وينجهار 1 جولاءِ 1995ع کان 15 جولاءِ 1995ع ص 6)

اها هڪ ٺئي ٺيل ڳالهه آهي ته جتي پر تشدد تحريڪن لاءِ مختلف حوالن سان تياري ۽ عوامي همدرديءَ جي ضرورت هوندي آهي ساڳي طرح عدم تشدد واري جدوجهد لاءِ ان کان به وڌيڪ پڪي پختي پرچار ۽ عوامي آواز جي گهرج هوندي آهي. اسان مٿي جن ملڪن جو به ذڪر ڪيو آهي جيتوڻيڪ انهن ملڪن وقت ۽ حالتن جي روشنيءَ ۾ ٻئي طريقا استعمال ڪيا آهن پر پوءِ به انهن ملڪن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ميدان ۾ واضح قسم جي پختي پرچار ڪئي ۽ ان جي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ ننڍين ننڍين شهرن کان وٺي ڪن مخصوص علائقن تائين آزاديءَ لاءِ حق خودارادیت جي بنياد تي رفريڊم جا تجربا ڪرائي، آهسته آهسته قوم جي تمام گهڻي حلقي کي اعتماد ۾ وٺڻ کانپوءِ وڃي قابض قوم خلاف پنهنجي قومي آزادي جي حق ۾ خودارادیت واري حق جو استعمال ڪرڻ جو اظهار ڪيو. پاڻ وٽ اهڙيون ڳالهيون ڪندڙن جي عملي جدوجهد، پروگرام، پاليسيون ۽ وقت بوقت ڏنل ليڪچرن کان هاڻ هر ڪو بخوبي واقف ٿي چڪو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ راءِ جي آزاديءَ سان پنهنجي سياسي حيثيت جو تعين ڪرڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ سان اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ رستي اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪندي، اهو چوڻ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي ته: "ٻين لفظن ۾ سنڌي قوم کي پنهنجو حق خودارادیت جيڪو فطري طور

۾ عالمي قانون مطابق انهن کي حاصل آهي. اهو استعمال ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويجي.“ (سنڌ ۾ قومي حق خودارادیت ص 22).

سائين جي. ايم. سيد هڪ عام سنڌي مثال ڏيندي چوندو هو ته: ”جيڪڏهن گڏهه گاهه سان دوستي رکي ته پوءِ کائيندو ڪٿان.“ سو پنجاب جو جياپو سنڌ جي وسيلن تي آهي. انگريز جي آشيرواد سان حاصل ڪيل اقتدار ۾ عسڪري طاقت به سندن وٽ آهي انڪري پنجابي اجا ته قبضي گير قومن واري گهمنڊ ۾ آهي پر جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل اپيل ڪي ورنائيندي سنڌ جي مستقبل بابت حق خودارادیت وارو فارمولو استعمال ڪري به وجهي، ته ان جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو سا ڳالهه ڪنهن به سمجهدار کان ڳجهي ڪانهي. پر پوءِ به خبر ناهي ڇو اسان جا دوست ان ڳالهه تي بضد آهن.

***